ماهوار

# سائنس

نومبر-ڊسمبر ١٩٩٤ع



سائنس جي پڙهندڙن کي نئين سال جون مبارڪون

# ماهوار سائنس

رجسٽرڊ نمبر ايس.سي 347

تعليم ڪاتي پاران منظور ٿيل | سال 2- نومبر- ڊسمبر 1994ع


## فهرست


- انٽي بايوٽڪ دوائن جو مستقبل..................... جاويد عباسي 3
- ڪمبائينڊ سائيڪل بجلي گهر ..................... انجنيئر عبدالمالڪ ميمڻ 5
- ايڪسري ..................... ڊاڪٽر منير احمد زرداري 7
- برقيات ڇا آهي ..................... احسان احمد عرساڻي 8
- سنڌيءَ ۾ اصطلاح سازي ..................... احسان احمد عرساڻي 11
- وائرس ..................... طالب حسين سيلرو 14
- وقت جو طرف ..................... الطاف حسين نظاماڻي ۽ طارق احمد نظاماڻي 15
- ائٽم ..................... جاويد احمد شيخ 17
- هوا ۾ ڦهلجندڙ گدلاڻ ..................... امداد صديقي 27
- بليئز پاسڪل ..................... شيرين گل 29
- تيزابي برسات: گدلاڻ جي هڪ بدترين شڪل ..................... نذر العباس ميرجت 30
- مريخ تي انسان جو قدم ..................... نور حسين چانڊيو 32
- ذيابيطس ..................... علي مرتضيٰ ڌاريجو 34
- شهاب ثاقب ۽ پڇڙ تارا زمين لاءِ خطرو ..................... محمد هاشم ميمڻ 37
- پيش امامن ۽ انڊس جي تعليم ..................... ادارو 39
- ڀاڄيون ۽ ميوا ..................... قلب سومرو 40



ايڊيٽر
علي مرتضيٰ ڌاريجو

سرڪيوليشن انچارج
ڊاڪٽر سرفراز سولنگي

باني ميلي
زاهد مرتضيٰ

ڪمپيوٽر آپريٽر
حبيب الحسن ڪولاچي

قيمت: 10.00 روپيا

ائڊريس: ايڊيٽر "سائنس" زولاجي ڊپارٽمينٽ، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو - 76080، سنڌ.

A Monthly publication of the Sindh Science Society, Allama I.I. Kazi Campus, University of Sindh Jamshoro- 76080.

Title: Science (Text in Sindhi) Subject: Science with special emphasis on Health & Environmental awareness. Price Rs: 10.00 Publisher: Sindh Science Society Jamshoro. Ed. Ali Murtaza Dharejo. Tel # off: 0221-771291-5 Ext: 3096.



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# سنڌ جي محتسب اعليٰ

# کي اپيل

سنڌ سائنس سوسائٽي ڄامشوري جي بلڊنگ تان پوليس جو قبضو جلد ختم ڪرائي، بلڊنگ سوسائٽي کي واپس ڪرائي وڃي.

قبضي ۾ رهيل عرصي جي مسواڙ ڏياري وڃي ۽ بلڊنگ کي پهتل نقصان، فرنيچر، ڇپيل ڪتابن ۽ لئبرري جي ڪتابن جي زيان جو معاوضو ڏياريو وڃي.

سنڌ سائنس سوسائٽي

ڄامشورو

# انٽي بايوٽڪ دوائن جو مستقبل

جاويد عباسي

اڄ جيتريون بيماريون اسان وٽ عام ٿي ويون آهن، اوتروئي دوائون بي اثر ٿي ويون آهن، جنهن جو اهم سبب گهڻي انداز ۾ دوائن جو استعمال ڪرڻ آهي. انهن دوائن مان انٽي بايوٽڪس (antibiotics) دوائون اهم آهن. جڏهن ڪجهه روڳي جيوڙا اسان جي جسم ۾ ساهه کڻڻ سان، ڪاڌي جي جزن يا رت جي مٽا سٽا واري عمل سان داخل ٿي ويندا آهن ۽ اسان کي مختلف بيمارين ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندا آهن، تڏهن اسان انهن انٽي بايوٽڪ دوائن جي مدد سان انهن روڳي جيوڙن کي ختم ڪري ڇڏيندا آهيون، پر هاڻي صورت حال اها ٿي وئي آهي جو انهن دوائن جي گهڻي تعداد ۾ استعمال سبب ڪيترن ئي قسمن جي جيوڙن تي ان جو اثر نٿو ٿئي ۽ اهي ناس نٿا ٿين ۽ انسان بيمارين مان آجو نٿو ٿئي ۽ مري ٿو وڃي.

ان سلسلي ۾ آمريڪا جي هڪ ميڊيڪل سينٽر جي وچڙندڙ بيمارين جو ماهر سائنٽيا گبرٽ ان وقت پريشان ٿي ويو جڏهن هن 57 سالن جي هڪ مريض تي هر قسم جي انٽي بايوٽڪ دوا استعمال ڪئي پر ان سان مريض کي ڪو به فائدو نه ٿيو، اهو مريض بڪين جي مرض ۾ مبتلا هو. ان ڊاڪٽر ڪيترن ئي قسمن جون انٽي بايوٽڪ دوائون ان مريض تي استعمال ڪيون نه صرف ايترو پر ٻن مختلف قسمن جي انٽي بايوٽڪ کي ملائي به استعمال ڪيو پر پوءِ به ان مريض کي ڪو فائدو نه ٿيو. اهي سموريون انٽي بايوٽڪ دوائون جيڪي ويهين صدي جون بهترين دوائون سمجهيون وينديون هيون ۽ خطرناڪ بيماريون ڦهلائيندڙ جيوڙن خلاف موت جي علامت هيون، اهي سڀ بيڪار ثابت ٿيون ۽ آخر اُهو مريض مري ويو.

انسان ۽ جيوڙا (microbe) تمام ويجهو رهن ٿا، انهن مان ڪجهه اسان جا دوست آهن ته ڪجهه دشمن آهن. جيڪي دوست آهن، انهن کي ڪمينسلز (commensals) سڏجي ٿو ۽ جيڪي دشمن آهن انهن کي پئٿوجنس (pathogens) سڏجي ٿو. ڪمينسلز انساني جسم ۾ رهندي به ڪن مخصوص حالتن اندر انسان لاءِ نه نقصانڪار آهن نه ئي فائديمند آهن. جڏهن مختلف قسمن جا پئٿوجنس جن ۾ بئڪٽيريا ۽ وائرس شامل آهن، اهي انساني جسم کي مختلف بيمارين ۾ مبتلا ڪري ان جي جسم کي نقصان پهچائن ٿا. جينوٽڪ انهن جيوڙن جي جسم ۾ داخل ٿيڻ سان ئي اسان جي جسم ۾ موجود خود بچاءَ وارو سرشتو (immune system) تحرڪ ۾ اچي وڃي ٿو ۽ انهن جيوڙن کي مارڻ لاءِ مخصوص اينٽي باڊيون (antibodies) تيار ڪري ٿو ته جيئن انهن جيوڙن کي ماري جسم کي بيمارين کان بچائي سگهجي پر ڪن حالتن ۾ اهي اينٽي باڊيون گهٽيون ڪارائتيون ثابت ناهن ٿينديون، جنهن سبب اهي جيوڙا وري جسم تي حاوي ٿي بيماري ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندا آهن، پوءِ انهن بيمارين کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ اسان انٽي بايوٽڪ دوائون استعمال ڪندا آهيون پر جڏهن اهي دوائون به بي اثر ٿي وڃن ته پوءِ مريض ڇا ڪري؟

اهو سوال اڄ طب جي دنيا ۾ بحث هيٺ آهي. ڇاڪاڻ جو ڪيترائي جيوڙا هاڻي انهن انٽي بايوٽڪ دوائن خلاف مدافعت (resistance) حاصل ڪري ويا آهن ۽ اهي دوائون انهن تي اثر نٿيون ڪن.

1928ع ۾ اليگزينڊر فليمنگ (Alexander Fleming) پينسلين ايجاد ڪئي، جنهن سان ڪيترين ئي بيمارين تي ڪنٽرول ڪيو ويو ۽ ٻئي جنگ عظيم دوران هن دوا کي تمام گهڻي تعداد ۾ استعمال ڪيو ويو. انهن ڏينهن ۾ ئي ڊاڪٽرن هڪ نئون جيوڙو اسٽيفائيلو ڪوڪس (staphylococcus) دريافت ڪيو، جنهن تي پينسلين جهڙي دوا جو ڪو به اثر نه پئي ٿيو، تڏهن دوا ناهيندڙ ڪمپنين ان جيوڙي کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ نئين دوا ناهي، ٿوري عرصي کانپوءِ وري جيوڙن جو هڪ نئون گروپ ظاهر ٿيو، جنهن تي ٻي نئين نهندڙ دوا جو به اثر نه پئي ٿيو، تڏهن وري نئين دوا ناهي وئي، وري نوان جيوڙا وري نئين دوا ۽ اهو سلسلو هلندو ٿو رهي. ڪيترين ئي بيمارين جيڪي ختم ٿي چڪيون هيون يا جن جو سٺي نموني علاج ممڪن هو، انهن مان ختم ٿيل ٻيهر ظاهر ٿي رهيون آهن ۽ قابل علاج بيماريون لاعلاج بڻجنديون ٿيون وڃن ۽ ان جو سبب صرف اهو آهي ته دوائن جي گهڻي استعمال سبب انهن جيوڙن جي جسم ۾ اڳتي هلي مدافعت پيدا ٿي وڃي ٿي ۽ دوا انهن واسطي اثرائتي نه ٿي رهي. اهي جيوڙا پنهنجي اندر مدافعت ڪيئن ٿا پيدا ڪن ۽ ٻئي جيو تائين ڪيئن ٿا پهچن؟ اهو سڀ ڪجهه سمجهڻ ضروري آهي. اصل ۾ جڏهن به جيوڙا بيماري پيدا ڪن ٿا ۽ انهن کي دوا ڏني ٿي وڃي، مثلاً ڪن جيون کي ختم ڪرڻ لاءِ پينسلين ڏني وئي ته ان سان ڪيترائي جيوڙا مري وڃن ٿا پر ڪجهه جيوڙن اندر اتفاقي طور هڪ جين (gene) تبديل ٿي ان جيوڙي کي دوا جي خطرناڪ اثر کان بچائي ٿي ۽ ان اندر مدافعت پيدا ڪري ٿي. جين اهو ننڍي ۾ ننڍو ذرو آهي، جيڪو جاندار جي موروثيت کي قائم رکندو ٿو اچي. جين ذريعي ئي والدين جون خصوصيتون ان جي اولاد ڏانهن منتقل ٿينديون آهن. بلڪل ان ريت جيئن ئي هڪ جيوڙي اندر اهڙي جين تبديل ٿي وئي ان جين ۾ جيڪا ان کي دوا جي اثر کان بچائي ٿي ته پوءِ جڏهن به اهو جيوڙو هڪ کان ٻن ۽ ٻن کان چئن ۾، چئن کان سورنهن ۾ مسلسل ورهائجندو ويندو ته اها جين به منتقل ٿيندي رهندي، اهڙي طرح انهن جيوڙن جو تعداد وڌندو رهندو جن ۾ پينسلين يا ڪنهن به دوا خلاف مدافعت موجود هوندي. هڪ جيوڙو چوويهه ڪلاڪن ۾ 16,777,220 جي تعداد ۾ ورهائجي ويندو آهي، يعني 24 ڪلاڪن اندر ايڏا جيوڙا پيدا ٿي ويندا آهن جن ۾ ان دوا خلاف مدافعت هوندي.

ڳالهه اتي ئي ناهي ختم ٿيندي، پر اهي جيوڙا وري پنهنجي اها جين جنهن سبب انهن ۾ دوا خلاف مدافعت پيدا ٿي وئي آهي، اها ٻين جيوڙن ڏانهن به منتقل ڪندا آهن. جيئن تصوير ۾ ڏيکاريل آهي:




جڏهن ڪجهہ روڳي جيوڙا اسان جي جسم ۾ ساهہ کڻڻ سان، کاڌي جي جزن يا رت جي مٽا سٽا واري عمل سان داخل ٿي ويندا آهن ۽ اسان کي مختلف بيمارين ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندا آهن، تڏهن اسان انهن ائنٽي بايوٽڪ دوائن جي مدد سان انهن روڳي جيوڙن کي ختم ڪري ڇڏيندا آهيون، پر هاڻي صورت حال اها ٿي وئي آهي جو انهن دوائن جي گهڻي تعداد ۾ استعمال سبب ڪيترن ئي قسمن جي جيوڙن تي ان جو اثر نٿو ٿئي ۽ اهي ناس نٿا ٿين ۽ انسان بيمارين مان آجو نٿو ٿئي ۽ مري ٿو وڃي.

هن تصوير جي پهرين حصي ۾ ڏيکاريل آهي تہ ڪهڙي طرح ائنٽي بايوٽڪ دوا جيوڙي تي حملو ڪري، ان بئڪٽريا جيوڙي جي پٽ کي ٽوڙي اندر داخل ٿئي ٿي ۽ انهن سمورن عملن خاص طور تي پروٽين ٺاهڻ واري عمل کي روڪي ٿي، جيڪو جيوڙي جي زندگيءَ لاءِ لازمي آهي، جنهن بعد جيوڙو ختم ٿي وڃي ٿو. تصوير جي ٻئي حصي ۾ ڏيکاريل آهي تہ جيوڙي جي اندر ڪيئن جين تبديل ٿي وڃي ٿي ۽ جيوڙي اندر دوا خلاف مدافعت پيدا ڪري ٿي.

تصوير جي هيٺين حصي ۾ ڏيکاريل آهي تہ ڪهڙي طرح جيوڙو پنهنجي اها جين جيڪا دوا خلاف مزاحمت حاصل ڪري چڪي آهي، اها ٻئي جيوڙي ۾ منتقل ڪري، گهڻي ۾ گهڻا اهڙا جيوڙا پيدا ڪري ٿي، جيڪي دوا خلاف مزاحمت رکندڙ هجن ٿا. ان سلسلي ۾ سڀ کان پهريائين مزاحمتي جيوڙو هڪ سنهي ڏور (filament) رستي ٻئي جيوڙي کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو، ان ڪانپوءِ پنهنجي اندر موجود ڊي. ايـن. اي (D.N.A) جي ٽڪري مان پاڻ جهڙو هڪ ٻيو ڊي.ايـن.اي جو ٽڪرو ٺاهي ٿو، ڇاڪاڻ جو ڊي.ايـن.اي جي ان ٽڪري اندر ئي اها مزاحمتي جين موجود هوندي آهي ۽ ڊي. اين. اي ۾ اها خاصيت بہ آهي تہ اهو پاڻ جهڙو ٻيو ڊي. اين. اي. ٺاهي سگهي ٿو. ان ڪانپوءِ جڏهن بہ ٻہ جيوڙا پاڻ ۾ ملن ٿا تہ مزاحمتي جيوڙو ڊي.ايـن. اي. جو ٻيو نهيل ٽڪرو ٻئي جيوڙي ۾ منتقل ڪري ڇڏيندو آهي، اهڙي طرح اهو ٻيو جيوڙو بہ ان دوا خلاف مزاحمت حاصل ڪري وٺندو آهي، جنهن خلاف پهرين جيوڙو حاصل ڪندو آهي، هاڻي ٻيو جيوڙو بہ وري پنهنجي نسل ۾ اها مزاحمت وڌائيندو.

ان ڪانسواءِ اهي جانور جن جو اسان گوشت کائون ٿا، جن جو اسان کير پيئون ٿا، انهن جي گوشت ۽ کير ذريعي بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ جيوڙن خلاف مزاحمت اسان جي جسم ۾ داخل ٿيندي رهي ٿي. ڇاڪاڻ جو انهن جانورن تي بہ ڪيترائي جيوڙا حملو ڪري انهن کي بيمار ڪن ٿا، جنهن لاءِ انهن جانورن جا مالڪ انهن کي بيمارين کان بچاءَ لاءِ ڪيترن ئي قسمن جون ائنٽي بايوٽڪ دوائون ڏين ٿا، جنهن سبب انهن جانورن ۾ بہ انهن دوائن جي گهڻي استعمال سبب جيوڙن خلاف مزاحمت پيدا ٿي وڃي ٿي. انهن دوائن جو اثر ڪافي ڏينهن تائين انهن جانورن ۾ رهي ٿو پر جي ان وچ ۾ انهن جانورن جو گوشت مارڪيٽ ۾ اچي وڃي ٿو تہ اتان وري اسان جي استعمال ۾ ايندو ۽ اها مزاحمت بہ منتقل ٿيندي.

يورپ ۾ جيوڙن اندر پيدا ٿيندڙ مزاحمت سبب طب جي دنيا جا ماهر پريشان آهن ۽ ڪيترن ئي دوائن ٺاهڻ وارين ڪمپنين جو مستقبل ائنٽي بايوٽڪ دوائن جي حوالي ڪان اونداهون ٿي چڪو آهي. هاڻي اهي ڪمپنيون پنهنجون ائنٽي بايوٽڪ دوائون اسرندڙ ملڪن ڏانهن اماڻي رهيون آهن، ڇاڪاڻ جو اهي ئي ملڪ انهن جا مارڪيٽ وڃي بچيا آهن. ڪيترن ئي ڪمپنين ائنٽي بايوٽڪ دوائون ٺاهڻ ڇڏي ڏنيون آهن ۽ ڪيترن ئي اُسريل ملڪن تہ ائنٽي بايوٽڪ دوائن جي تحقيق تي خرچ ٿيندڙ پئسو يا تہ روڪي ڇڏيو آهي يا اهي سمورا منصوبہ ختم ڪري ڇڏيا آهن جيڪي ائنٽي بايوٽڪ دوائن جي تحقيق بابت هيا، ڇاڪاڻ جو هو سمجهي چڪا آهن تہ صرف ائنٽي بايوٽڪ دوائن ٺاهڻ ئي مسئلي جو حل ناهي، جو آخر ڪيسيتائين دوائون ٺاهيون.

ڪجهہ دوائن ٺاهيندڙ ڪمپنيون هاڻي وري ان ڳالهہ تي تحقيق ڪري رهيون آهن تہ آخر اهي جيوڙا ڪيئن ٿا پنهنجي اندر مزاحمت پيدا ڪن؟ جيڪڏهن ان عمل کي روڪجي تہ شايد هڪ دفعو وري ائنٽي بايوٽڪ دوائن جو دور موٽي اچي، جيئن پهريائين پڙهي آيا سون. ان ڪانسواءِ جيوڙا هڪ ٻئي طريقي سان بہ دوائن خلاف مزاحمت پيدا ڪن ٿا، ان طريقي تحت اهي جيوڙا اهڙي قسم جون انزائيمون (enzymes) پڻ پيدا ڪندا آهن، جيڪي دوا جي جزن کي ٽوڙي جدا جدا ڪري ڇڏين ٿيون. جنهن سان پڻ دوا جو اثر ختم ٿي ويندو آهي، جيئن اسٽئفائيلو ڪوڪس (staphylococcus) پيينسلين دوا سان ڪندو آهي. جنهن سبب اها دوا هن جيوڙي خلاف بي اثر ثابت ٿيندي آهي. ان ڪانسواءِ ڪجهہ جيوڙا پنهنجي ٻاهرين جهليءَ

| | |
|---|---|
| programmer | سٽاڪار |
| prgramming | سٽاڪاري |
| programmed | سٽايل، سٽيل |
| manage (verb) | ڪارسازڻ |
| management | ڪارسازي |
| manager | ڪارساز |
| managing | ڪارساز، ڪارڪسازائي |
| managed | ڪارسازيل |
| manageable | ڪارسازائتو |
| manageability | ڪارسازيت |
| manageably | ڪارسازاً |
| manageableness | ڪارسازيت |
| mismanage (verb) | اَڪار سازڻ، ڪڪارسازڻ |
| missmanagement | اڪار سازي، ڪڪارسازي |
| mismanaged | اڪارسازي، ڪڪار سازي |
| industry | صنعت |
| work | ڪم، ڪار |
| workshop | ڪارخانو |
| workable | ڪارائتو |
| scrap | اڪارڻ |
| scrapyard | اڪارخانو |
| record (verb) | دَرجَڻ |
| record (s) (noun) | دَرجُ (دَرجَ) |
| recorder | درجڪار |
| recording | درجڪاري |
| recorded | دَرجيَل |

هڪبئي سان ڪنهن شي جي اَدلي بَدلي ڪرڻ لاءِ انگريزيءَ ۾ "exchange" ۽ سنڌيءَ ۾ "متاستا" يا "مٽ سٽ" لفظ استعمال ٿين ٿا.

| | |
|---|---|
| exchange (noun) | مَتسا |
| exchange (verb) | مَتسن |
| telephone exchange | پَروايڪ مَتسا |

قديم سنڌيءَ ۾ "ري" اڳياڙي طور رائج هئي، جنهن جي معنيٰ "ڪانسواءِ" آهي.

| | |
|---|---|
| wire | تار |
| wireless | ري تار |

## ڪجهه ميڊيڪل سائنس جا اصطلاح

| | |
|---|---|
| surgery | جراحت |
| surgical | جراحي |
| surgically | جراحاً |
| digest | هَضمڻ |
| digestion | هاضمو |
| digestable | هاضمائتو |
| non digestable | غير هاضمائتو |
| fracture | ڦوڙ |

"ڦوڙ" هڪ ٻتي لفظ "ٽوڙ ڦوڙ" مان ورتل آهي.

تي لفظ، "symbol" ، "sign" ۽ "symptom" تقريباً هڪجهڙي معنيٰ رکن ٿا. انهن جا واضح متبادل هينئن، ربت تجويز ڪجن ٿا.

| | |
|---|---|
| sign | نشاني |
| signed | نشانيل |
| unsigned | اڻ نشانيل، انشانيل |
| signal(s)(noun) | نشاڪارُ (نشانڪار) |
| signalling | نشانڪاري |
| signal (verb) | نشانڪارڻ |
| symbol (S) (noun) | اُهجان (اُهجانَ) |
| symbolic, symboical | اهجاتوي |
| symbolically | اُهجاتاً |
| symbolism | اُهجاتيت، اُهجاٿيت |
| symbolist | اُهجاتدان |
| symbolise | اُهجاٿڻ |
| symbolisation | اهجاٿڪاري |
| symboliser | اُهجاٿڪار |
| symbology | اُهجاٿپياس |
| symptom | علامت |

هاٿي آءَ ڪجهه اصطلاح، خالص برقيات متعلق ڏيڻ چاهيندس.

| | |
|---|---|
| atom (s) | اٿو (اٿا) |
| atomize (verb) | اٿڻ |
| atomization | اٿڪاري |
| atomic | اٿوي |
| atomic energy | اٿوي توانائي |

اَٿي (atom) جي وچواري يا مرڪزي حصي کي نيوڪليئس (nucleus) چئجي ٿو. پُراڻي سنڌيءَ ۾ هڪ لفظ "ناپ" ساڳي ئي معنيٰ ۾ رائج هو.

| | |
|---|---|
| nucleus | ناپُ (ناپَ) |
| nuclear | ناپوَر |
| nucleon (s) | ناپيو (ناپيا) |
| nucleonics | ناپيات |
| nucleation | ناپسازي |
| nucleic | ناپوي، ناپي، ناپير، ناپڪ |
| nuclear physist (scientist) | ناپدان |
| nuclear energy | ناپوَر توانائي |
| extra nucleic region | اُپر ناپي علاقو |
| conduction | پَسراءُ |
| cnductance | پَسراپ |
| conductivity | پسرائي |
| conducting | پَسرائيندڙ |
| non conducting | اَڻ پسرائيندڙ |
| conductor | پَسراوَر |
| non conductor | اڻ پَسراور |
| semi conductor | نيم پَسراوَر |
| resistor | جَهلوَر |
| resistance | جهلاٽپ |
| resistive | جهلوي |
| resistivity | جهلائي |
| resistively | جهلواً |
| neutral | نيوس |
| neutron | نيوسيو |

ڪئپيسيٽر (capacitor) عام انگريزي بوليءَ جي لفظ capacity مان نڪتل آهي. دَر اصل Capacitor مان مراد آهي "گنجائش رکندڙ" ۽ لفظ capacitance جي معنيٰ ساڳي گنجائش آهي پر اهو خاص طور capacitor جي چارج گڏ ڪرڻ واري صلاحيت لاءِ هڪ اصطلاح طور استعمال ڪيو ويندو آهي. capacitor هڪ برقياتي پرزو آهي، جيڪو گهٽو ڪري ٻن پليٽن (plates) جو ٺهيل هوندو آهي، پر capacitor ٻن کان وڌيڪ پليٽن جا بہ ٿيندا آهن.

پليٽ جو اصل سنڌي لفظ "رڪيب" آهي، جيڪو هاڻي تمام گهٽ ڳالهايو ويندو آهي.

| | |
|---|---|
| capacitor | گنجائشوَر |
| capacitance | گنجائشپ |
| two-plate capacitor | ٻہ رڪيبي گنجائشوَر |
| multi plate capacitor | گهڻ رڪيبي گنجائشوَر |
| capacitive | گنجائشوي |
| capacitively | گنجائشواً |
| inductor | اُپاوَر |
| inductance | اُپاپ |
| inductive | اُپاوي |
| inductively | اُپاواً |
| induction | اُپايت |
| induce (verb) | اُپائڻ، اُپاوڻ |
| alternativng current | مَتسر ڌار |
| direct current | يَڪسَر ڌار |
| material | جسد |
| region | علاقو |
| regional | علاقوي |
| volt | (اسم خاص) وولٽ |
| voltmeter | وولٽماپو |
| voltage | وولٽيج |
| voltaic | وولٽي، وولٽيڪ |
| voltage divider | وولٽيج ورڇيندڙ |
| voltage doubler | وولٽيج ٻيٽوار |
| voltage trippler | وولٽيج ٽيٽوار |
| cycle (noun) | چڪر، ڦيرو |
| frequency | چَرخشماري، ڦيراوري |
| frequency divider | چرخشماري، ورڇيندڙ |
| frequency multipliers | چرخشماري ضربيندڙ |
| fiber (s) | ريشو (ريشا) |

# "وقت جو طرف"

## (Direction of Time)

الطاف حسين نظاماڻي ۽ طارق احمد نظاماڻي

ماضي، مستقبل کان ايترو مختلف ڇو آهي؟ ڇو، اسان ماضيءَ جا واقعا تہ ياد ڪريون ٿا پر مستقبل لاءِ تمام ٿوري پيشنگوئي ڪري سگهون ٿا؟ ڇا ڪائنات جي ڦهلاءَ ۽ وقت ۾ ڪو تعلق آهي؟ يعني ڪائنات جنهن طرف ۾ ڦهلجي رهي آهي وقت انهيءَ طرف ۾ وڌي رهيو آهي. جيڪڏهن ايئن هجي تہ ڇا جنهن وقت ڪائنات ڦهلجڻ بند ٿي سسڻ شروع ڪندي تڏهن وقت جو طرف ابتو ٿي ويندو؟

وقت ڇا آهي؟ ڇا وقت جي ڪا حقيقت آهي بہ يا نہ! ڇا وقت صرف اهو آهي جيڪو اسان پنهنجي بانهن ۾ ٻڌل گهڙي يا ديوار تي لڳل گهڙيال ۾ ڏسون ٿا؟

وقت جي حقيقت تہ ظاهر ٿي چڪي آهي. جيئن ڪائنات ۾اسان مادو، توانائي ۽ خلا جي باري ۾ تصور رکون ٿا يا ڄاڻون ٿا، ايئن ئي وقت (time) بہ ڪائنات لاءِ اوترو ئي اهم ۽ بنيادي جزو آهي جيئن مادو، توانائي ۽ خلاءَ. وقت بہ ان گهڙيءَ شروع ٿيو جڏهن ڪائنات شروع ٿي. جيڪڏهن وقت نہ گذري تہ ڪائنات جي حرڪت بيهجي ويندي. اسٽيفن هاڪنگ، جيڪو ڪئمبرج يونيورسٽي ۾ پروفيسر آهي، مطابق تہ مادو، توانائي، خلاءَ ۽ وقت هڪ ئي نقطي مان پيدا ٿيا آهن. اسٽيفن هاڪنگ وقت جي باري ۾ تحقيق ڪري هيو آهي. اسٽيفن هاڪنگ وقت جي طرف بابت بہ کوجنا ڪري رهيو آهي.

سائنسدانن جو اهو يقين آهي تہ ڪائنات ۾ جيڪي ڪجهہ ٿئي ٿو ان تي فزڪس جا قانون لاڳو ٿين ٿا يا ڪري سگهجن ٿا پر اهي قانون وقت جي مختلف طرفن ۾ فرق نہ ٿا ڪري سگهن. فزڪس جا قانون ٽن عمل جي ميلاپ سان تبديل نہ ٿا ٿي سگهن. (الف) عمل ۾ اسان مادي جي بنيادي ذرڙن جهڙوڪ: نيوٽران، پروٽان ۽ اليڪٽران وغيره رَدَ ذرڙ (antiparticles) جهڙوڪ: ائنٽي نيوٽران، ائنٽي پروٽان ۽ پازيٽران وغيره ۾ تبديل ڪجي تہ ائين ڪرڻ سان اسان کي مادي جو ضد يا اردَ مادو (anti matter) حاصل ٿيندو (ب) عمل ۾ اسان هر عڪس کي ان جي آئيني عڪس ۾ تبديل ڪنداسين يعني ساڄو طرف ، کاٻو طرف ٿي پوندو ۽ (پ) عمل ۾ سڀني ائٽمي ابتدائي ذرڙن جي حرڪت جي طرف کي ابتو ڪيو ويندو، ايئن ڪرڻ سان هر حرڪت اڳيان وڌڻ بجاءِ پوئتي ٿيندي يعني ائين ڪرڻ سان اسان جيڪو عمل اڳتي وڌندو ڏسون ٿا اهو پوئتي ويندو محسوس ٿيندو. الف، ب، پ عملن کي ملائڻ سان بہ فزڪس جي قانونن تي ڪوبہ اثر نہ پوندو. زندگي اهڙي ئي نموني روان دوان هوندي، جيئن ڪنهن ٻئي گرهہ جي مخلوق، جيڪا اسان جو آئيني عڪس هوندي ۽ رَد مادي جي ٺهيل هوندي.

عام زندگيءَ ۾ وقت جي اڳتي هلڻ ۽ پوئتي هلڻ ۾ وڏو فرق آهي. سمجهو تہ هڪ پاڻيءَ جو گلاس ميز تان هيٺ ڪري ٿو ۽ ذرا ذرا ٿي پوي ٿو. جيڪڏهن اسان انهي منظر جي فلم ڪدينداسين تہ پوءِ اسان کي خبر پوندي تہ وقت جي اڳتي ۽ پوئتي حرڪت ڪيئن ٿيندي آهي. جيڪڏهن اوهان انهيءَ فلم کي پوئتي هلائيندا تہ اوهان ڏسندا تہ اوچتو اهي شيشي جا ٽڪرا پاڻ ۾ ملڻ شروع ڪندا ۽ گلاس جي صورت وٺي واپس ٽپ ڪائي ميز تي اچي بيهندا. توهان اهوئي چوندا تہ فلم کي پوئتي هلايو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ عام زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ائين نہ ٿيندو آهي.

اهو ناممڪن آهي تہ، شيشي جا ٽڪرا پاڻ ۾ خودبخود ملي خود بخود گلاس جي صورت وٺي واپس ميز تي اچي بيهن. ڇو تہ حرارتي ميڪانيات جو ٻيو قاعدو (second law of thermodynamics) انهيءَ ڳالهہ جي نفي ڪري ٿو. انهيءَ قاعدي مطابق تہ بگاڙ (entropy) وقت سان گڏ هميشہ هميشہ وڌندو. ميز تي رکيل گلاس پنهنجي ترتيب جي لحاظ کان اعليٰ حالت ۾ آهي ۽ پوءِ ان جا ٽٽل ٽڪرا جيڪي فرش تي پيل آهن اهي ان گلاس جي بگڙيل حالت آهي. ماضي ۾ ميز تي رکيل گلاس، مستقبل ۾ پٽ تي ٽڪرا ٽيل هوندو.

بگاڙ جو وڌڻ، وقت جي طرف جي نشاندهي ماضيءَ ۽ مستقبل ۾ فرق ڪري ٿو. وقت جا گهٽ ۾ گهٽ ٽي طرف آهن. هڪ، حرارتي ميڪانياتي طرف، (thermodynamical arrow of time) ، جنهن ۾ بگاڙ وڌي ٿو.

ٻيو نفسياتي طرف (psychological arrow of time) جنهن ۾ اسان ماضيءَ کي تہ ياد ڪريون ٿا پر مستقبل ۾ ڏسي نہ ٿا سگهون ۽ ٽيون ڪائناتي طرف (cosmological arrow of time) جنهن ۾ ڪائنات مسلسل ڦهلبي رهي ٿي. ڪائنات جو ڦهلاءَ بہ اسان کي وقت جو طرف ڏسي ٿو. حرارتي ميڪانياتي طرف ۽ نفسياتي طرف ٻئي هڪ وقت جي هڪ ئي طرف جي نشاندهي ڪن ٿا. جيڪڏهن اسان ڪائنات کي فطري طريقي سان ڏسون تہ وقت جا پهريان ٻئي طرف ڪائناتي طرف سان تعلق رکن ٿا. جينوٺيڪ اهو ٿي بہ سگهي ٿو تہ اهي هڪ طرف نہ هجن. اهي صرف تڏهن ئي هڪ طرف ۾ هوندا جڏهن اسان انهيءَ سوال جو جواب ڳولي لهون تہ، بگاڙ ان طرف ۾ ڇو ٿو وڌي جنهن طرف ۾ ڪائنات ڦهلجي ٿي؟

حرارتي ميڪانيات جي ٻئي قائدي مطابق، ڪنهن بہ نظام (system) جي مرتب حالتن کان وڌيڪ ان جون غير مرتب حالتون آهن. مثلاً، هڪ پيتيءَ ۾ اسان، ڪاري ۽ اڇي رنگ جي بالن کي الڳ الڳ ڪري رکون ۽ ان کي اسان ان نظام جي مرتب حالت تسليم ڪريون تہ پوءِ پيتيءَ کي لوڏڻ سان اهي بال پاڻ ۾ ملي ويندا يعني اڇا بال ۽ ڪارا بال هڪ ٻئي جي جاين تي ملي ويندا، ٻين لفظن ۾ اها ان نظام جي غير مرتب حالت هوندي ۽ اسان جيڪڏهن پيتيءَ کي اڃان بہ وڌيڪ لوڏينداسين تہ اها بي ترتيبي يا بگاڙ جي حالت وڌندي رهندي يا ٻين لفظن ۾ اهو ناممڪن آهي تہ اهي بال ساڳيءَ پهرين حالت ۾ اچي وڃن.

جيڪڏهن ڪو نظام، مرتب حالت ۾ شروع ٿئي ٿو تہ پوءِ جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو، تہ فزڪس جي قانونن مطابق، انهيءَ جي حالت تبديل ٿيندي، اهو ٿي سگهي ٿو تہ ايندڙ وقت ۾ ان جي حالت غير مرتب يا بگاڙ ۾ هجي.

فرض ڪريو تہ، جيڪڏهن الله تعاليٰ اهو فيصلو ڪيو هجي ها تہ ڪائنات کي مرتب

حالت ۾ ختم ڪرڻو آهي تہ پوءِ شروعاتي حالت ۾، ڪائنات غير مرتب حالت ۾ هوندي ۽ ان صورت ۾ بگاڙ يا بي ترتيبي وقت سان گڏ گهٽبي ويندي مطلب تہ ٽٽل گلاس کي واپس جڙندو ڏسي سگهنداسين. يعني انسان ان ڪائنات ۾ موجود هوندو جنهن ۾ بي ترتيبي وقت سان گڏوگڏ گهٽبي ويندي. انسان جو، وقت جو نفسياتي طرف پنهنجي ويندڙ هوندو. يعني انسان لاءِ مستقبل، ماضي هوندو ۽ ماضي مستقبل هوندو.

پر انسان بگاڙ کي وڌندو محسوس ڪري ٿو ان لاءِ لازمي آهي تہ ڪائنات پهريائين مرتب حالت ۾ هئي ۽ هاڻ ان جي بي ترتيبي وڌي رهي آهي.

انسان جي يادداشت جي باري ۾ ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهجي، ڇو تہ اسان اجان تائين دماغ جي ڪم ڪرڻ جي طريقي کي تفصيل سان نہ سمجهي سگهيا آهيون. پر اسان کي ڪمپيوٽر جي ڪم ڪرڻ جي صحيح نموني سان خبر آهي. اسان ڪمپيوٽر جي يادداشت کي "o" ۽ "1" ٻن حالتن ۾ ورهائي سگهون ٿا. ڪنهن ڳالهہ رڪارڊ ڪرڻ کان اڳ ڪمپيوٽر جي يادداشت ۾ o ۽ 1 ٻنهي جي هجڻ جو امڪان آهي. يعني اها غير مرتب حالت ۾ آهي. پر اسان انهيءَ ۾ يادداشت محفوظ ڪريون ٿا تہ اها ٻنهي حالتن مان ڪنهن بہ هڪ ۾ هوندي يعني يا تہ "o" يا "1" ۾. يادداشت غيرمرتب حالت مان هاڻي مرتب حالت ۾ هوندي. پر انهيءَ يادداشت کي محفوظ ڪرڻ لاءِ توانائي استعمال ٿي هوندي ۽ اها توانائي گرميءَ جي صورت ۾ خارج ٿي هوندي. ۽ اهڙي نموني ڪائنات ۾ بي ترتيبي جو اضافو ٿيو هوندو. اها بي ترتيبي، ڪمپيوٽر جي يادداشت جي ترتيب کان ضرور وڌيڪ هوندي مطلب تہ ڪمپيوٽر ۾ يادداشت محفوظ ڪرڻ سان ڪائنات جي ڪل بي ترتيبي يا بگاڙ ۾ اضافو ٿيندو.

اسان جو وقت کي ماپڻ وارو نفسياتي طرف حرارتي ميڪانياتي طرف جي توسيع ڪري ٿو. بگاڙ وقت سان گڏ وڌي ٿو ڇاڪاڻ تہ اسان وقت کي ان طرف ۾ ماپيون ٿا جنهن ۾ بگاڙ وڌي ٿو.

ڇو ڪائنات وقت جي هڪ ڇيڙي تي اعليٰ مرتب حالت ۾ هئي جنهن کي اسان ماضي چئون ٿا؟ ڇو ڪائنات هر دؤر ۾ مڪمل غير حالت ۾ نہ ٿي رهي؟ ۽ ڇو تہ وقت جو اهو طرف جنهن ۾ بگاڙ وڌي ٿو، انهيءَ وانگر آهي، جنهن ۾ ڪائنات ڦهلجي ٿي؟ انهن سوالن جا جواب اجان تلاش ڪرڻا آهن.

ڪائنات لازم آهي تہ مرتب حالت ۾ شروع ٿي هوندي، ڇاڪاڻ تہ حرارتي ميڪانيات جو ٻيو قاعدو ان ڳالهہ جي توسيع ڪري ٿو. جيڪڏهن ڪائنات غير مرتب حالت ۾ اچي نہ ٿي سگهي، تہ اها ان ئي بي ترتيبي واري حالت ۾ قائم رهندي، ٻنهي حالتن ۾ وقت جي بي ترتيبي يا بگاڙ وارو طرف بي معنيٰ رهندو.

ڪائنات جي لاءِ ٽي ڳالهيون ممڪن آهن، پهريون اها تہ ڪائنات لامحدود وقت کان آهي ۽ لامحدود وقت تائين رهندي، ٻي اها تہ ڪائنات کي شروعات بہ آهي تہ اختتام بہ ٿيندو. ۽ ٽين ڳالهہ اها تہ ڪائنات ميعادي آهي.

ڪائنات لاءِ ٻي صورت وڌيڪ ممڪن لڳي ٿي. ڪائنات اڄ کان 20 ارب کان 50 ارب سال اڳ پيدا ٿي. پر اها ڪيئن پيدا ٿي اهو ٻڌائڻ ناممڪن آهي ڇاڪاڻ تہ پهريائين مادو، توانائي، خلاءِ ۽ وقت هڪ ئي نقطي يعني Singularity جي حالت ۾ هئا. ان جاءِ تي فزڪس جا قانون مڪمل طور ناڪام ٿي وڃن ٿا. ڪائنات جي حد ڪهڙي آهي؟ "ڪائنات جي اها ئي حد آهي تہ ڪائنات جي ڪا بہ حد نہ آهي." فزڪس جا قانون هر جاءِ تي لاڳو ڪري سگهجن ٿا. اهي اسان کي اهو بہ ٻڌائي سگهن ٿا تہ ڪائنات ڪيئن ڪم ڪري ٿي.

ڪائنات جو ڦهلاءُ تہ حرارتي ميڪانياتي طرف جي نشاندهي ڪري ٿو. پر جڏهن ڪائنات ڦهلجڻ جي بدران سسڻ شروع ڪندي تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟ ڇا بي ترتيبي گهٽجڻ شروع ٿيندي؟ يعني وقت بہ پوئتي هلڻ شروع ڪندو؟.

اهو لازمي نہ آهي! ڇاڪاڻ تہ جڏهن ڪائنات مڪمل بي ترتيب حالت ۾ اچي ويندي ۽ اهو طئي آهي تہ بي ترتيبي وڌندي رهندي. تنهنڪري اهو لازم آهي تہ ڪائنات مڪمل بگاڙ مان اجان بہ وڌيڪ بگاڙ (very disorder) ۾ ويندي. يعني وقت جو حرارتي ميڪانياتي طرف پوئتي نہ ويندو. اهو ساڳين طرف ۾ روان دوان هوندو.

جڏهن سڀ تارا ۽ ڪهڪشائون سڙي ختم ٿي وينديون ۽ ڳرا ذرڙا، پروٽان ۽ نيوٽران وغيره روشني، تابڪاري، ۽ گرميءَ ۾ تبديل ٿي ويندا ان وقت ڪائنات مڪمل بي ترتيبيءَ واري حالت ۾ هوندي ۽ پوءِ جنهن وقت ڪائنات سسڻ شروع ڪندي تہ اها حالت موجوده حالت کان بلڪل مختلف هوندي. رهيو اهو سوال تہ انسان اُن وقت موجود هوندو يا نہ؟.

تہ ان جو جواب ناڪاري آهي. ڇاڪاڻ تہ انسان کي توانائي کاڌي جي صورت ۾ گهرجي جيڪا هڪ مرتب حالت آهي پر ڪائنات تہ سسڻ وقت توانائي جي غير مرتب حالت ۾ هوندي ۽ انسان جي لاءِ حرارتي ميڪانياتي طرف واضح هئڻ ضروري آهي. اهو پڻ سبب آهي جو انسان ان دؤر ۾ موجود نہ هوندو.

# شاديءَ کان اڳ ۾ ائڊس جي ٽپاس لازمي

پنجاب صوبي جي يوٿ افيئرس جي وزير اها رٿ پيش ڪئي آهي تہ، پاڪستان ۾ شادي ڪندڙ جوڙن: مردن ۽ عورتن لاءِ اهو لازمي ڪيو وڃي تہ هو شادي ڪرڻ کان اڳ ۾ پنهنجيءَ رت جي چڪاس ڪرائي ڏسن تہ هو ائڊس جو شڪار تہ ناهن ۽ اهڙو قانون آمريڪا ۾ مروج آهي، ساڳئي وقت شناختي ڪارڊ، ڊرائيونگ لیسن ۽ پاسپورٽ جاري ڪرڻ کان اڳ ۾ اهڙن درخواست ڪندڙن جي چڪاس ڪرائي اها پڪ ڪئي وڃي تہ اهي ائڊس جي وائرس: ايچ آءِ وي کان آجا آهن.

هن وڌيڪ ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ ائڊس جو مضمون نصابي ڪتابن ۾ بہ شامل ڪيو وڃي تہ جيئن نوجوانن کي هن مرض جي ڪارڻن، پيدا ٿيندڙ خطرناڪ اثرن ۽ بچاءَ جي اپائن بابت ڄاڻ مهيا ڪري سگهجي. هن اهو بہ چيو تہ ائڊس جهڙي موتمار بيماريءَ جي پکڙجڻ جو سبب اسلامي تعليم تي عمل نہ ڪرڻ آهي ۽ افسوس جو اظهار ڪيو تہ پاڪستان ۾ ائڊس جي مريضن کي سنيءَ نظر سان نہ ٿو ڏٺو وڃي جڏهن تہ اسرندڙ ملڪن ۾ سائنس همدرديءَ سان علاج ڪيو وڃي ٿو.

جاويد احمد شيخ

# ائٽم (Atom)

مادو ڇا آهي؟ اهو ڇا مان ٺهيل آهي؟ ائٽم ڇا آهي؟ اليڪٽران ڪيئن لڌو ويو؟ تابڪار ائٽم ڇا آهن؟ نوڪليئس ڪيئن لڌو ويو؟ ائٽم جا بنيادي خاڪا (models) ڪيئن تيار ڪيا ويا؟ ائٽم جي بناوت ڪيئن آهي؟ ڪل ڪيترا ائٽم آهن؟ نيوٽران ڇا آهن؟ عنصر، آئسوٽوپ، مرڪب ۽ ماليڪيول ڇا آهن؟ ڪيميائي ميلاپ ڪيئن ۽ ڇو ٿيندو آهي؟ آئن (ion) اصل ۾ ڇا آهي ۽ ڪيئن ٺهندو آهي؟ نيوڪليئس ۾ پروٽان هڪٻئي سان ڇو چهٽيل هوندا آهن؟ نيوڪليئس ٽوڙي ان مان ڌماڪو (fission) ڪيئن ڪرايو ويندو آهي؟ ائٽم ٽوڙ مشينون (atom smashers) ڇا آهن؟ لڳاتار يا نه ڪُٽندڙ ردعمل (chain reaction) ڇا کي چئبو آهي؟ نيو ڪليائي فيوزن (nuclear fusion) ڇا کي چئبو آهي؟ ائٽمن مان اسان عام زندگيءَ ۾ ڪهڙا فائدا وٺندا ۽ انهن مان ڪيئن بجلي تيار ڪندا آهيون؟ آثار قديم مان لڌل پراڻين شين جي وقت/ عمر جو پتو ڪيئن لڳائيندا آهيون؟ تابڪاريءَ جا ڪهڙا ڀيانڪ اثر انسانن، جاندارن، ٻوٽن، جيتن ۽ ماحول تي پوندڙ آهن؟ اهي ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي سوال جن جا جواب توهان کي هن مضمون رستي ڏنا ويندا ۽ ڪوشش ڪري آسان ٻولي استعمال ڪئي وئي آهي ته جيئن اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ پڙهندڙ شاگردن کانسواءِ عام ماڻهو به اهي ڳالهيون سولائيءَ سان سمجهي سگهي.

مضمون جي شروعات "مادي" (matter) کان ڪئي وئي آهي، آهستي آهستي سيني سوالن کي ڪنيو ويو آهي ۽ انهن تي نهايت باريڪ بينيءَ سان بحث ڪيو ويو آهي. اميد ته توهان کي هيءَ ننڍڙي ڪوشش ضرور پسند ايندي.

## مادو (Matter)

توهان پنهنجي آسپاس ۾ سيني شين کي ڏسو: ڪرسيون، ميزون، ڪپڙا، پَنا، پينسلون، رستن تي هلندڙ موٽرڪارون، سائيڪلون، ۽ بسون، جهنگن ۾ وڻ، ٻوٽا ۽ جانور، سمنڊ ۾ مڇيون ۽ خاص قسم جا سامونڊي گاهه ۽ ٻوٽا، خلا ۾ سج، چنڊ ۽ تارا نظر ايندا. اِهي ۽ ٻيون سڀ شيون، ويندي خود انسان پڻ مادي جا مثال آهن.

## مادو ڇا جو ٺهيل آهي؟

آڳاٽي زماني کانوڻي ڄاڻو ۽ ڏاها مادي جي باري ۾ سوچيندا آيا آهن. ڪي سمجهندا هئا ته مادو "هائيل" (hyle) نالي هڪ شي مان ٺهيو آهي، ڪن چيو ته مادو چئن شين مان ٺهيو آهي جيڪي آهن: مٽي، پاڻي، هوا ۽ باهه. ڪن وري يقين سان چيو ته، مادو ايترن ته ننڍڙن ذرڙن مان ٺهيو آهي، جن کي ڏسي به نه ٿو سگهجي. اُنهن اِهو به چيو ته اهي ننڍڙا ذرڙا وڌيڪ ننڍڙن ذرڙن ۾ ٽوڙي نه ٿا سگهجن، تنهنڪري انهن ذرڙن کي ائٽمن (atoms) جو نالو ڏنائون.

مٿيان سڀئي خيال تجربن ۽ مشاهدن جي نتيجن مان نه ورتا ويا هئا. پر انهن مان هڪ اهو خيال ته، مادو ائٽمن مان ٺهيل آهي، اهو ئي واحد خيال آهي جيڪو اسان جي موجوده مادي جي نظريي جي وڌيڪ ويجهو آهي.



شڪل 1

## ڊالٽن (Dalton) جو ائٽمي نظريو

1808ع ۾ ڊالٽن نالي هڪ انگريز اسڪول ماسترَ هڪُ ائٽمي نظريو پيش ڪيو. جنهن ۾ هن چيو ته مادو تمام ننڍڙن ۽ اڻ ٽٽندڙ ذرڙن مان ٺهيل آهي، جن کي هن پڻ "اٽمس" جو نالو ڏنو، هن ثابت ڪيو ته ائٽمن کي نه ته وڌيڪ حصن ۾ ٽوڙي سگهجي ٿو ۽ نه وري انهن کي ختم (تباهه) ڪري سگهجي ٿو. هن اهو به خيال پيش ڪيو ته مادو تمام ننڍڙن ٺهرن گولين جهڙن ائٽمن جو ٺهيل آهي، جيئن هيٺ شڪل- 1 ۾ ڏيکاريل آهي.

## اليڪٽرانن جي کوجنا

19 صديءَ جي آخر ۾ جَي.جَي. ٿامسن (J.J.Thomson) نالي هڪَ انگريز طبعي دان (physicist) بجليءَ جي وهڪري (electric current) کي هڪ اهڙي خالي ٽيوب (vaccume tube) مان گذاري ڏٺو جنهن کي ڪيٿوڊ ري ٽيوب (cathode ray tube) چيو ويندو آهي. هن ڏٺو ته ڪرنٽ (بجليءَ جو وهڪرو) اصل ۾ ڪاٿو بار (negative charge) رکندڙ ننڍڙن ننڍڙن ذرڙن تي مشتمل آهي، جن کي اڄڪلهه اليڪٽرانن (electrons) جو نالو ڏنو ويو آهي. هن پنهنجن تجربن مان اهو اخذ ڪيو ته اليڪٽران، ائٽمن جي اندران نڪري آيا آهن ٻين سائنسدانن وري اليڪٽران جو مايو (mass) معلوم ڪيو، جيڪو وري ننڍي ۾ ننڍي ائٽم جي مايي کان به گهٽ نڪتو، جنهن مان ثابت ٿيو ته: اليڪٽران، ائٽم کان به ننڍڙو آهي!

ان جو مطلب ته، ائٽم به اليڪٽرانن مان ٺهيو آهي، يعني ائٽم کي به وڌيڪ ننڍڙن حصن ۾ ٽوڙي سگهجي ٿو!

## (تابڪار ائٽم (Radioactive atoms)

تقريباً ساڳي ئي وقت، هينري بيڪريل (Henri Becquerel) ، پيري ڪيوري (Pierre Curie) ۽ سندس زال ميري ڪيوري (Marie Curie) هڪَ اهم کوجنا جو انڪشاف ڪيو. هنن ڏٺو ته ڪن ائٽمن ۾ اها به خاصيت آهي ته اهي پنهنجو پاڻ وڌيڪ ننڍڙن ائٽمن ۾ ٽُٽندا رهن ٿا. اِن ٽٽڻ واري عمل دوران اهي تابڪاري (شعاع) خارج ڪن ٿا. تابڪاري (radiation) اصل ۾ تيز رفتار ننڍڙن ذرڙن جي وهڪري کي چئبو آهي ۽ اهي ذرڙا ائٽمن کان به ننڍڙا هوندا آهن. جيڪي به ائٽم تابڪاري خارج ڪندا آهن، انهن کي تابڪار يا شعاعدار (radioactive atoms) چئبو آهي. تابڪار ائٽم جي "تابڪاري خارج ڪرڻ واري عمل" کي تابڪاريت (radiactivity) چئبو آهي. تابڪار ائٽمن مان خارج ٿيندڙ شعاعن/ ڪرڻن جو هڪ قسم "الفا ڪرڻا (alpha particles) به آهن،

جيڪي غير شفاف مادي مان بہ آرپار گذري وڃڻ جي صلاحيت رکندڙ آهن. اهو ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ غير شفاف مادي مان عام روشني نہ گذري سگهندي آهي. مثال طور، شيشو هڪ شفاف (transparent) مادو آهي، ان سبب ان مان عام روشني آرپار گذري وڃي ٻي پاسي پوندي آهي، پر آئينو غير شفاف (opaque) مادو آهي ان سبب منجهانئس عام روشني آرپار گذري نہ سگهندي آهي پر آئيني سان ٽڪرائجي واپس موٽي ايندي آهي. ان جو مطلب ٿيو تہ الفا ڪرڻن جي فريڪيوئنسي (frequency) روشنيءَ جي فريڪيوئنسيءَ کان بہ وڌيڪ آهي، جو تہ جنهن شي جي جيتري فريڪيوئنسي وڌيڪ هوندي اوتري ان شي جي "گهڙڻ جي سگهہ، (penetration paower) بہ وڌيڪ ٿي ويندي.

ڪجهہ وقت کانپوءِ نيوزيلنڊ ۾ ڄاول هڪ طبعي دان، ارنيسٽ رُٽر فورڊ (Ernest Ruther-ford)، الفا ڪرڻن کي استعمال ڪري اهو ڳولهي لڌو تہ هڪ ائٽم ۾ اندر ڇا ڇا موجود آهي!

## نيوڪليئس (Nucleus) جي کوجنا

1911ع جي لڳ ڀڳ، لارڊ رُٽرفورڊ (Lord Rutherford) سون جي هڪ تمام سنهي پتري جي ٽڪري ڏانهن تيز رفتار الفا ڪرڻ کي ڇڏيو تہ هو اهو ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو جو تقريباً سيئي الفا ڪرڻا سون جي پتري مان ائين لنگهي ويا جڻ انهن جي آڏو ڪجهہ هيو ئي ڪونہ! پر تڏهن بہ ڪجهہ ڪرڻا اهڙا هيا، جيڪي سڌي وڃڻ بجاءِ ٿورو موڙ کائي ويا تہ ڪي وري اهڙا بہ هيا جيڪي ان پتري مان آرپار گذري ئي نہ سگهيا ۽ ان سان ٽڪرائجي واپس موٽي هيڏي هوڏي پکڙجي ويا، جيئن شڪل-2 ۾ ڏيکاريل آهي.

رُٽر فورڊ ٻڌايو تہ، گهٽي ۾ گهٽ الفا ڪرڻا انڪري سون جي پتري مان آرپار گذري ويا جو سون جا ائٽم هڪٻئي سان ايڏا ڳتيل نہ هوندا آهن، يعني انهن جي وچ ۾ اڪثر خالُ هوندا آهن. پر هر ائٽم جي مرڪز ۾ مادي جو هڪ ننڍڙو پر ڳورو مايو هوندو آهي جنهن سان ٽڪرائجي ڪجهہ الفا- ڪرڻا واپس موٽي پئي آيا، جيئن شڪل- 3 ۾ ڏيکاريو ويو آهي.

ائٽم جي مرڪز ۾ ان ننڍڙي پر ڳوري مايي کي رُٽر فورڊ "نيوڪليئس (nucleus) جو نالو ڏنو. ان کانپوءِ ڏٺو ويو تہ ٻين سيني شين جي ائٽمن ۾ بہ اِهي نيوڪليئس موجود آهن.




شڪل 2




شڪل 3

## ائٽمن جا خاڪا (Models)

ائٽم ڏسڻ ۾ ڪيئن ٿو اچي؟ ان جي اڃان تائين ڪنهن کي بہ خبر ناهي! ۽ اهو نا ممڪن آهي تہ ائٽم کي ڏسي سگهجي! ايتري قدر جو سائنسدان بہ ائٽم جي هنوار ۽ خاصيتن مان "صرف" اندازو ئي لڳائيندا آهن تہ ائٽم ڪيئن هوندو! انهن اندازن مان هنن ائٽمن جا ڪجهہ خاڪا (ماڊل) بہ ٺاهيا آهن.

ائٽم جي خاڪن جا ڪيترائي قسم آهن ۽ اهو بہ ذهن ۾ رکيو وڃي تہ انهن مان ڪوبہ خاڪو ضروري ناهي تہ مڪمل نموني ۾ اصل ائٽم جي نمائندگي ڪندڙ هجي پر اهي سيئي ماڊل ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ائٽمن جي هلت چلت ۽ خاصيتن کي سمجهڻ لاءِ اسان جي مدد ڪن ٿا.

## ائٽم جي بنيادي جوڙجڪ

هيل تائين، توهان اهو سمجهي چڪا هوندا تہ ائٽم اليڪٽرانن ۽ هڪ نيوڪليئس تي مشتمل آهي.

نيوڪليئس وري ٻن اهم جزن جو ٺهيل هوندو آهي، جن کي "پروٽان (proton)" ۽ "نيوٽران (neutron)" جا نالا ڏنا ويا آهن. اهي جزا ائٽم جي مرڪز وٽ (وچ ۾) هڪٻئي سان ڇُهيل (بلڪ ڳُتيل) هوندا آهن.

اليڪٽران جي مٿان "بجليءَ جي ڪاتو - ( پرتي" (negative electric charge) تہ پروٽان جي مٿان "بجليءَ جي واڌو (+) پرتي" هوندي آهي. پر نيوٽران تي ڪابہ "پرتي" نہ هوندي آهي، تنهنڪري نيوٽران بجليءَ جي لحاظ کان غير جانبدار (نيوٽرل) هوندو آهي.

هڪ عام ائٽم ۾ جيترا اليڪٽران هوندا آهن، اوترائي پروٽان بہ هوندا آهن، جنهن جي ڪري انهن جون مخالف پرتيون هڪ ٻئي کي رَد ڪنديون آهن، جنهن جي نتيجي ۾، هڪُ عام ائٽم، بجليءَ جي لحاظ کان، غير جانبدار هوندو آهي، يعني هڪ عام ائٽم جي مٿان نہ واڌو ۽ نہ ڪاتو پرتي هوندي آهي.

پروٽان ۽ نيوٽران نسبتاً ڳورا ۽ انهن ٻنهي

| ائٽم جو نالو | | نشاني | ائٽمي نمبر | نيوٽرانن جو تعداد | اليڪٽرانن جو تعداد | مايو نمبر |
|---|---|---|---|---|---|---|
| هائڊروجن | Hydrogen | H | 1 | 0 | 1 | 1 |
| هيليم | Helium | He | 2 | 2 | 2 | 4 |
| لٿيم | Lithium | Li | 3 | 4 | 3 | 7 |
| ڪاربان | Carbon | C | 6 | 6 | 6 | 12 |
| آڪسيجن | Oxygen | O | 8 | 8 | 8 | 16 |
| سوڊيم | Sodium | Na | 11 | 12 | 11 | 23 |
| ڪلورين | Chlorine | Cl | 17 | 18 | 17 | 35 |
| سون | Gold | Au | 79 | 118 | 79 | 197 |
| يورينيم | Uranium | U | 92 | 146 | 92 | 238 |

| دائري جو نالو | دائري جو نمبر (n) | فارمولا 2xnxn | دائري کي پورڻ لاءِ وڌ ۾ وڌ اليڪٽران |
|---|---|---|---|
| K | 1 | 2x1x1 | 2 |
| L | 2 | 2x2x2 | 8 |
| M | 3 | 2x3x3 | 18 (يا 8) |
| N | 4 | 2x4x4 | 32 (يا 18 يا 8) |
| O | -- | -- | 18 (يا 8) |
| P | -- | -- | 18 (يا 8) |
| Q | -- | -- | 8 |

خارج ڪندا آهن. پائدار آئسوٽوپ ڪابہ تابڪاري خارج نہ ڪندا آهن، پر انهن کي مصنوعي طريقي سان تابڪار آئسوٽپن ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو.

**مرڪب** (Compound)

مرڪب اهو مادو آه ي، جيڪو ٻن يا ٻن کان وڌيڪ "مختلف" ائٽ``من جي ميلاپ مان ٺهيو هجي.

مثال طور، هائڊروجن جا ٻہ ائٽم آڪسيجن جي هڪ ائٽم سان ملي هائڊروجن آڪسائيڊ ($H_2O$) نالي هڪ ڪمپائونڊ ٺاهيندا آهن، جنهن کي عام طور تي پاڻي چوندا آهيون.

عام لوڻ، حقيقت ۾ سوڊيم ڪلورائيڊ نالي هڪُ مرڪب آهي، جيڪو سوڊيم ۽ ڪلورين جي ميلاپ مان ٺهيو آهي. ڇا توهان اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ ڪيترن ئي مختلف عنصرن جي مختلف ميلاپن مان ڪل ڪيترا مرڪب ٺاهي سگهجن ٿا؟ اهو هڪ ڏکيو سوال آهي! ڇاڪاڻ تہ انهن جو تعداد لکن، اربن ۽ ڪربن کان بہ تمام گهڻو ٿي ويندو.

**ماليڪيول** (Molecule)

"ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ ائٽم ملي هڪ ماليڪول ٺاهيندا آهن، جيڪو ڪنهن عنصر يا مرڪب جو ننڍي ۾ ننڍو حصو هوندو آهي، جيڪو پنهنجين ڪيميائي خاصيتن کي وڃائڻ کانسواءِ آزاد حالت ۾ رهي سگهي ٿو."

مثال طور، هائڊروجن جا ٻہ ائٽم پاڻ ۾ ملي هڪ هائڊروجن ماليڪول ٺاهيندا آهن، هاڻي، اهو ماليڪيول آزاد حالت ۾ رهي سگهي ٿو، يعني ائين ڪٿي چئجي تہ اهو ماليڪيول هائڊروجن گئس جو ننڍي ۾ ننڍو ذرو آهي.

پاڻي جو ننڍي ۾ ننڍو حصو بہ هائڊروجن جي ٻن ائٽمن ۽ آڪسيجن جي هڪ ائٽم جي ميلاپ سان ٺهيو آهي؛ تنهنڪري $H_2O$ کي اسين پاڻيءَ جو "هڪ" ماليڪيول چئي سگهون ٿا، هاڻي، جيڪڏهن ان "هڪ، ماليڪيول کي ٻئي ڪنهن ائٽم يا ماليڪيول سان نہ ٻہ ملائبو، تہ بہ اهو پائدار $H_2O$ ئي رهندو ۽ پنهنجيون خاصيتون برقرار رکندو ايندو.

ماليڪيول جي مٿي ٻڌايل وصف جي وڌيڪ وضاحت، "ماليڪيول ۽ ائٽم جي فرق مان معلوم ڪري سگهجي ٿي يعني تہ، ائٽم هميشہ صرف هڪ ئي عنصر جو ننڍي ۾ ننڍو ذرو هوندو آهي، جڏهن تہ ماليڪيول هڪ عنصر جو بہ ننڍي ۾ ننڍو حصو ٿي سگهي ٿو.

**ڪيميائي ميلاپ**

ڪيترائي ائٽم پاڻ ۾ ملي تڏهن هڪ ٿي ويندا آهن، جڏهن اهي هڪٻئي جي ويجهو ايندا آهن، عام طور تي ائين تڏهن ٿيندو آهي جڏهن انهن ائٽمن جا سڀ کان ٻاهريان شيل (ويلنس شيل) "پريل" نہ هوندا آهن، يعني انهن ۾ اوترا اليڪٽران نہ هوندا آهن، جيترن جي انهن ۾ گنجائش هوندي آهي، بلڪ انهن کان گهٽ هوندا آهن.

جڏهن اهڙا ٻہ ائٽم ملندا آهن تہ انهن جي ٻاهرين دائرن وارا اليڪٽران اهڙيءَ طرح حرڪت ڪندا آهن جو هر هڪ ائٽم جو ويلنس شيل مڪمل نموني ڀرجي ويندو آهي. اهو عمل هيٺين ٽن طريقن سان ٿي سگهي ٿو:

(1) ٻَئي ائٽم پنهنجن پنهنجن ڪجهہ ويلنس اليڪٽرانن جي ڏي وٺ (share) ڪَنِ.

(2) هڪ ائٽم ٻئي ائٽم جا سڀئي وئلنس اليڪٽران حاصل ڪري.

(3) هڪ ائٽم پنهنجا سڀئي وئلنس اليڪٽران ٻئي کي ڏئي ڇڏي.

هائڊروجن ائٽم جو مثال وٺو، ان کي پنهنجي اڪيلي شيل ۾ صرف هڪ اليڪٽران آهي، تنهنڪري ان کي هڪ وڌيڪ اليڪٽران جي ضرورت پوندي آهي تہ جيئن اهو شيل مڪمل نموني ڀرجي وڃي. جڏهن اهو ائٽم ٻئي ڪنهن هائڊروجن جي ائٽم سان ملندو، جنهن کي اصل ۾ هڪ اليڪٽران جي گهرج هوندي تہ ڇا ٿيندو؟ ظاهر آهي تہ، انهن مان ڪوبہ پنهنجو اڪيلو اليڪٽران ٻئي کي ڏيڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو. ان ڪري اهي ٻئي ائٽم پنهنجي هڪ هڪ اليڪٽران جي حصيداري/ شيئر ڪندا، يعني ٻئي اليڪٽران گڏجي ٻنهي ائٽمن جي شيلن ۾ ڦرندا رهندا. اهڙيءَ طرح ٻنهي ائٽمن جا وئلنس شيل اليڪٽرانن سان ڀرجي ويندا آهن. اهي ٻئي ائٽم هاڻي هڪ هڪ اليڪٽران جي حصيداري ڪرڻ سان هڪٻئي سان ڳنڍجي ويا آهن. ائٽمن جي اهڙي گروپ بنديءَ کي "ماليڪيول" چئبو آهي. مثال طور: هائڊروجن گئس، هائڊروجن ماليڪيولن مان ٺهيل هوندي آهي ۽ ان قسم

جي ميلاپ کي ڪو وَيلنٽ بانڊ (covalent bond) چئبو آهي. اهڙيءَ طرح، جڏهن هر ائٽم هڪ اليڪٽران جي حصيداري ڪري ته ان ميلاپ کي سنگل ڪوويلنٽ بانڊ چئبو آهي. جڏهن هر ائٽم ٻن اليڪٽرانن جي حصيداري ڪري ته اهڙي ميلاپ کي ڊبل ڪوويلنٽ بانڊ چئبو آهي ۽ جڏهن هر ائٽم ٽن اليڪٽرانن جي حصيداري ڪري ته اهڙي ميلاپ کي ٽرپل ڪوويلنٽ بانڊ چئبو آهي.

هاڻي اچو ته هڪ وڌيڪ پيچيده ڪيميائي ميلاپ تي ڪجهه نظر وجهون، جنهن ۾ هائڊروجن ۽ آڪسيجن جي ائٽمن جو ذڪر ڪنداسين. آڪسيجن جي ائٽم ۾ اٺ اليڪٽران هوندا آهن، جن مان ٻه اليڪٽران ته پهرين شيل ۾ ۽ باقي ڇهه اليڪٽران وري ٻئي يا ٻاهرئين شيل ۾ هوندا آهن. ٻاهرئين شيل کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ٻن وڌيڪ اليڪٽرانن جي ضرورت هوندي آهي، ڇاڪاڻ جو پهرئين کي (K) شيل کي ڇڏي باقي جيڪي به شيل هوندا آهن، انهن مان هر هڪ کي ڀرڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اٺن اليڪٽرانن جي ضرورت پوندي آهي. اهڙيءَ طرح هائڊروجن ائٽم کي پنهنجي اڪيلي شيل کي ڀرڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻن اليڪٽرانن جي ضرورت پوندي آهي، جن مان هڪڙو منجهس اول ئي موجود آهي، باقي هڪڙي وڌيڪ اليڪٽران جي ضرورت پوندي.

جڏهن هائڊروجن ۽ آڪسيجن جا ائٽم مخصوص حالتن ۾ هڪٻئي جي ويجهو آڻبا ته ڇا ٿيندو؟ آڪسيجن جو هر ائٽم ڦڙتيءَ سان هائڊروجن جي ٻن ائٽمن سان ملي ويندو ته جيئن ٽنهي ائٽمن مان هر هڪ جا وئلنس شيل مڪمل ٿي وڃن. اهڙيءَ طرح اسان هائڊروجن آڪسائيڊ ($H_2O$) جا ماليڪيول (يعني عام پاڻي) حاصل ڪيا، جيئن تصوير 8 ۾ ڏيکاريل آهي.

(ائٽمن جي اهڙي ميلاپ کي، جنهن مان هڪ نئون مرڪب ملي، انکي ڪيميائي عمل چئبو آهي.

تصوير 8 کي مختصر ڪري شڪل 9 ۾ اهو سڄو عمل آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو.

ڪهڙا ائٽم پاڻ ۾ ملي عام لوڻ ٺاهيندا آهن؟ عام لوڻ (سوڊيم ڪلورائيڊ) سوڊيم ۽ ڪلورين جي ائٽمن جي ميلاپ مان ٺهيل آهي. اچو ته ان تي تفصيل سان غور ڪيون: سوڊيم جي هڪ ائٽم ۾ يارهن اليڪٽران ٿين. جن مان ٻه اليڪٽران ڪي شيل ۾، اٺ اليڪٽران ايل شيل ۾ ته باقي هڪ اليڪٽران ايم (ويلنس شيل) ۾ هوندو آهي. ڪلورين جي هڪ ائٽم ۾ سترهن اليڪٽران هوندا آهن جن مان ٻه ڪي شيل ۾، اٺ ايل شيل ۾ ته باقي سَتَ وري ايم (وئلنس) شيل ۾ ٿين.

هاڻي جيئن ته سوڊيم ائٽم جي ٻاهرين (وئلنس) شيل ۾ صرف هڪ اليڪٽران آهي، انڪري پاڻکي پائدار بڻائڻ لاءِ ان کي ٻه رستا آهن: (1) هو ان اليڪٽران کي وڃائي ڇڏي يعني اهو ڪنهن ٻئي ائٽم کي ڏئي ڇڏي (2) هو ٻئي ڪنهن ائٽم کان سَت اليڪٽران اڌارا وٺي ته جيئن ان جو وئلنس شيل اٺن اليڪٽرانن سان ڀرجي مڪمل ٿي وڃي. ان لاءِ ڪهڙو طريقو وڌيڪ سولو ٿيندو؟ ظاهر آهي ته بهتر اهو ئي ٿيندو ته پنهنجو صرف هڪ اليڪٽران ٻئي ڪنهن اهڙي ائٽم کي ڏئي ڇڏي، جنهنکي ان جي گهرج هجي، بجاءِ ان جي جو هيڏا سارا سَت اليڪٽران ٻئي ڪنهن ائٽم کان اڌارا وٺي! جڏهن اهو پنهنجو هڪ اليڪٽران ٻئي کي ڏئي ڇڏيندو آهي ته هن ۾ پروٽانن جو تعداد اليڪٽرانن جي تعداد کان وڌيڪ ٿي ويندو آهي (ڇو جو هر عام ائٽم ۾ جيترا پروٽان هوندا، اوترائي اليڪٽران هوندا. جيڪڏهن ان مان هڪ اليڪٽران ٻاهر نڪري ويندو ته ظاهر آهي ته پروٽانن جو تعداد وڌي ويندو). جنهن جي ڪري سڄي ائٽم مٿان واڌو (+) پرتي پيدا ٿي ويندي آهي.

اهڙي قسم جي ائٽم کي، جنهن تي واڌو پرتي هجي، واڌو آئن (positive ion) چوندا آهن.

اهڙيءَ طرح ڪلورين ائٽم کي مضبوط (پائدار) بڻجڻ لاءِ سولو طريقو اهو هوندو آهي ته اهو هڪڙو اليڪٽران ٻئي ڪنهن ائٽم کان اڌارو وٺي، بنسبت ان جي جو پنهنجا ست ئي وئلنس اليڪٽران ٻئي کي ڏئي ڇڏي، تنهنڪري اهو سوڊيم ائٽم کان هڪ اليڪٽران وٺندو آهي، جنهنڪري هن ۾ اليڪٽرانن جو تعداد پروٽانن جي تعداد کان وڌيڪ ٿي ويندو آهي نتيجتاً ان جي مٿان ڪاٽو پرتي پيدا ٿي ويندي آهي ۽ اهو ڪاٽو آئن ٿي پوندو آهي.

(اهڙي قسم جي ائٽم کي، جنهن تي ڪاٽو پرتي هجي، ڪاٽو آئن (negative ion) چئبو آهي.

آخرڪار اهي ٻئي ڪاٽو ۽ واڌو آئن هڪٻئي کي ڪشش ڪندا ۽ بجليءَ جي قوت




تصوير 8 ۽ تصوير 9

ذريعي هڪٻئي سان ڇُهنجي ويندا آهن. نتيجي ۾ اسان کي هڪ نئون مرڪب ملي ويندو آهي، جنهن کي "سوڊيم ڪلورائيڊ" (Na Cl) يا "عام لوڻ" چوندا آهيون، اهو سڄو عمل تصوير 10 ۽ 11 ۾ ڏيکاريو ويو آهي.

## "نيوڪليئس" (The Nucleus)

هيل تائين، اسان اليڪٽرانن ۽ ائٽمن جو ذڪر ڪندا رهيا آهيون. هاڻي اچو ته، ٿورو نيوڪليئس جي باري ۾ به ڪجهه ڄاڻ حاصل ڪيون.

نيوڪليئس اصل ۾ پروٽانن ۽ نيوٽرانن جو هڪ اهڙو جهڳٽو آهي، جيڪو ائٽم جي مرڪز ۾ هوندو آهي.

پروٽانن تي واڌو چارج هوندي آهي، جڏهن ته نيوٽرانن تي ڪابه چارج نه ٿئي اسان کي اها به خبر آهي ته هڪجهڙيون چارجون ( يعني + ۽ + يا - ۽-) هڪٻئي کان پري ڀڄنديون آهن، تنهنڪري هتي هڪ اهم سوال هي اڀري ٿو ته آخر اها ڪهڙي ڳالهه آهي جنهن جي ڪري پروٽان هڪٻئي کان پري ڀڄي نيوڪليئس کي ٽوڙي نه ٿا ڇڏين؟

ان سوال جو جواب هي آهي ته، پروٽانن جي وچ ۾ موجود "ڌڪار جي قوت (repulsive force)" کان وڌيڪ طاقتور هڪ ٻي قوت به نيوڪليئس ۾ موجود هوندي آهي، جنهن کي اسين نيوڪليائي قوت (nuclear force) چوندا آهيون. اها طاقتور قوت پروٽانن کي پاڻ ۾ ڳنڍي ڇڏيندي آهي. اها قوت اصل ۾ شڪتي جي هڪ قسم مان پيدا ٿيندي آهي جنهن کي "نيوڪليئس جي ڳنڍيندڙ شڪتي (binding energy of nucleus)" چئبو آهي. ساڳئي وقت اهو به پنهنجي جاءِ تي هڪ اهم سوال آهي ته آخر اها شڪتي اچي ڪِٿان ٿي؟

البرٽ آئنسٽائين (Albert Einstein) نالي هڪ مشهور طبعيدان جي چوڻ مطابق ته، مايو شڪتي ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو ۽ شڪتي وري مايي ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿي.

اهو ڏٺو ويو آهي ته، نيوڪليئس جو مايو، نيوڪليئس ۾ موجود پروٽانن ۽ نيوٽرانن جي جملي مايي کان گهٽ ٿئي ٿو. آخرڪار باقي ڪٿل مايو وڃي ڪاڏي ٿو؟ ان جو مطلب اهو ٿيو ته اِهو کُٽل مايو شڪتي ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو، جيڪا وري نيوڪليئس ۾ موجود پروٽانن کي هڪٻئي سان ڇُهڻ تي مجبور ڪري وجهي ٿي.

آئنسٽائن جي پيش ڪيل مايي ۽ شڪتيءَ جي وچ ۾ موجود نسبت کي هيٺين فارمولا ذريعي ظاهر ڪيو ويندو آهي.

$$E = m C^2 \text{ يا } E = m \times c \times c$$

هتي: E= شڪتي، جنهن جو ايڪو جُول (Joule) آهي.

m = مايي ۾ ڪوت، جنهن جو ايڪو "ڪلوگرام" آهي.

c = روشنيءَ جي رفتار، جنهن جو ايڪو ميٽر في سيڪنڊ آهي.

ساڳئي وقت اها ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته روشني $3x10^8$ ميٽر في سيڪنڊ جي رفتار سان سفر ڪندي آهي. يعني ته هڪ سيڪنڊ ۾ 300 مِلين ميٽر!

## نيوڪليئس جي ٽوڙ ڦوڙ

(splitting of the nucleus)

پائدار ائٽمن ۾ نيوڪليئس اندر پروٽان ۽ نيوٽران هڪٻئي سان مضبوطيءَ سان ڇهتيل هوندا آهن. پر تابڪار ائٽمن (خاص ڪري يورينيم جهڙن وڏن ائٽمن ۾) جا نيوڪليئس ايڏا پائدار ۽ مضبوط نه هوندا آهن. ان جو ڪجهه سبب اهو به آهي ته انهن جي نيوڪليئس ۾ تمام گهڻا پروٽان ۽ نيوٽران هوندا آهن.

وڏن ۽ ناپائدار نيوڪليئسن جي اهائي خاصيت هوندي آهي ته اهي پنهنجو پاڻ ننڍڙن نيوڪليئسن ۾ ٽٽندا رهندا آهن. انهن کي اسين تمام ننڍڙن جُزن جي بمباري (bombardment)




تصوير 10 ۽ تصوير 11

امداد صديقي

# هوا ۾ ڦهلجندڙ گدلاڻ

**هوا** جي گدلي ٿيڻ مان مراد، صاف سٿري هوا ۾ ٻاهرين جزن جهڙوڪ: دونهين، گئس ۽ ٻين سنهن ذرن جي هجڻ سان آهي جيڪي انسانذات، جانورن، وڻن ٽڻن ۽ عمارتن کي نقصان پهچائيندا رهن ٿا. هوا ۾ موجود انهن جزن سبب اها گدلي ٿيو پوي، جنهن کي هوا جو گدلو ٿيڻ يا هوا ۾ پکڙجندڙ گدلاڻ سڏجي ٿو.

ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ، ڪاربان مونو آڪسائيڊ، سلفر ڊاءِ آڪسائيڊ، فلورائيڊ ۽ ٻيا ڪيترائي مختلف نائيٽروجني آڪسائيڊ، اوزون ۽ ڌاتن وارا جزا ۽ اهڙائي ٻيا ڪيترا جزا صاف شفاف هوا کي گدلو ڪري ڇڏين ٿا. وڻن مان ڇڻندڙ ۽ هوا ۾ پکڙجندڙ ٻور جا داڻا، تخم گل، سينور (ڦنگي ۽ ڪنيپي) جا سيل جزا يا هيٺين درجي وارا ٻوٽا، ٻرندڙ جبلن مان خارج ٿيندڙ رک ۽ گئسون پڻ هوا کي گدلو ڪنديون رهن ٿيون.

**هوا ٽن ذريعن سبب گدلي ٿئي ٿي:**

1- ذاتي يعني اها گدلاڻ جيڪا ماڻهو بذات خود ڦهلائي ٿو. جهڙوڪ: سگريٽ يا تماڪ جو ڇڪڻ جنهن سان هوا ۾ دونهون يا گئس ڦهلجي ان کي گدلو ڪري ٿي.

2- آبادين جي گدلاڻ: اها هوا ۾ ڦهلجندڙ اها گدلاڻ آهي جيڪا انسان بحيثيت مجموعي طور تي، ڪاٺين يا ڪوئلن جي ٻارڻ، موٽرن ڪارين جي خارج ٿيندڙ زهريلي دونهين، بجلي گهرن ۽ ڪيترن ئي قسمن جي ڪارخانن ۽ فئڪٽرين هلڻ سان ڪاربان، نائٽروجن، ۽ ٻيون ڪيترين ئي زهريليون گئسون هوا ۾ ڦهلجي ان کي گدلو ڪري ڇڏين ٿيون.

3- ٽين ان قسم جي گدلاڻ آهي جيڪا ماڻهو هوا ۾ ڦهلائي ٿو، اها آهي پيشہ ورانہ (occupational) يا ڌنڌي ڌاڙيءَ سبب پکڙجندڙ گدلاڻ. هي گدلاڻ جو اهو قسم آهي جنهن سان پورهيتن جي صحت تمام خراب نموني سان متاثر ٿئي ٿي مثال طور، ڪوئلي جي کاڻين ۾ کوٽائي ڪندڙ مزدورن کي ڦڦڙن جون اهي مخصوص بيماريون ٿين ٿيون جن کي ڦڦڙن جون ڪاربون بيماريون سڏيو ويندو آهي اهي ڦڦڙن جون بيماريون ڪوئلي جي کوٽائي دوران ڪوئلي جي سنهڙي ٻوري يا ڌز جو هوا ۾ ملي ساهه رستي ڦڦڙن تائين پهچڻ سان پيدا ٿي پونديون آهن.

هوا جي گدلاڻ جو اصل سبب ڪارخانن، فئڪٽرين، بجلي گهرن، موٽر گاڏين ۾ پيٽرول يا ڊيزل جي سڙڻ سان ۽ ڪارخانن ۾ ڪوئلي وغيره جي ٻرڻ سبب خارج ٿيندڙ دونهين ۽ ٻين گئسن جي صورت ۾ پيدا ٿينديون آهن. موٽر گاڏين مان نائيٽروجني آڪسائيڊ، هائيڊروجن ڪاربان ۽ ڪاربان مونو آڪسائيڊ خارج ٿي هوا کي غليظ ڪن ٿيون. ڪيترن ئي ڌاتن ٺاهڻ جي ڪارخانن ۽ پيٽرول صاف ڪرڻ جي ريفائينرن مان پڻ ڌاتن جي ڌز جا سنهڙا جزا جهڙوڪ: شيهي، ڪروميم، بيريليم، نڪل، وينيڊيم، سنڪئي ۽ ڪئڊميم وغيره گئسن يا دونهين رستي خارج ٿي هوا کي گدلو ڪريو ڇڏين ٿا. انهيءَ ڪانسواءِ ڪيترائي اٽيريل هائيڊروڪاربان سج جي روشنيءَ ۾ موجود نائيٽروجني آڪسائيڊ سان عمل ڪري اوزون، الڊيهائيڊ، پيرو آڪسي ايسائيلنائٽريٽ (peroxyacylnitrates) ٺاهيندا آهن جن کي ڦوٽو ڪيميڪل آڪسيڊنٽس سڏبو آهي، جنهن سبب هوا ۾ روشنياتي ڪيميائي ڌنڌ پکڙجي ويندو آهي. روشنياتي ڪيميائي ڌنڌ جو سڀ کان پهرئين آمريڪا جي شهر لاس اينجلس ۾ مشاهدو ڪيو ويو. ان ڌنڌ ۾ ڪيترين ڪيميائي گئسون مليل ٿين جن کي سال 1905ع ۾، ايڇ.اي واڪس ڪيميائي ڌنڌ جو نالو ڏنو. انهيءَ جو ڪارڻ روشنياتي ڪيميائي ڌنڌ، ڪوئلي تي هلندڙ ڪارخانن مان خارج ٿيندڙ دونهون، روڊن تي هلندڙ لاتعداد موٽر گاڏين مان خارج ٿيندڙ دونهين ڪانسواءِ گهميل موسم هجڻ به آهي.



ڏٻن وارا اسپري جن ۾ پاڻيٺي يا نيم پاڻيٺي جزا گئس جي صورت ۾ هجن ٿا ۽ انهن ۾ جيت مار دوائن ڪانسواءِ خوشبوئن وغيره جا ڦوهارا جيڪي ڪپڙن توڙي ڪمرن کي خوشبودار بڻائڻ لاءِ استعمال ٿيندا آهن، اچي وڃن ٿا ته اهڙن ننڍڙن ڏٻن ۾ ڪلورو- فلورو ڪاربان گئس ڀريل هوندي آهي جيڪا پڻ هوا ۾ هڪ خطرناڪ قسم جي گدلاڻ پکيڙيندي آهي.

هوا جي گدلي ٿيڻ سان زڪام، ڪنگهه، اکين ۾ خارش، گلي جون بيماريون ۽ ساهه کڻڻ جون تڪليفون جن ۾ دم، برانڪائيٽس ۽ امفائيسيما وغيره اچي وڃن ٿيون، ٿي پون ٿيون. اوزون سبب اکين جو لڇڻ، ڪنگهه، سيني جون بيماريون ۽ فصلن کي به تباهه ڪندڙ ڪيترين ئي بيماريون پکڙجن ٿيون.

ڪاربان مونو آڪسائيڊ هڪ سخت زهريلي، بي رنگ ۽ بي بوءِ گئس آهي جيڪا موٽر گاڏين مان دونهين جي صورت ۾ خارج

ماحول تي هڪدم ظاهر ٿين ٿا. اها هوريان هوريان ماحول جي تباهي جو سبب بڻجندي رهي ٿي ۽ پوءِ اوچتو ان جا تباهه ڪن اثر ڪنهن خوفناڪ آفت وانگر انساني آبادين کي پنهنجي جڪڙ ۾ آڻيندا آهن ۽ هڪ ڇرڪائيندڙ تباهيءَ جو سبب بڻجندا آهن. هڪ خاص معائني دوران دنيا جي جن خِطن ۾ تيزابي برسات جا اهڃاڻ مليا آهن تن ۾ ايشيا، يورپ، اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا جا وسيع ۽ عريض صنعتي علائقا شامل آهن. اهي ملڪ جيڪي انهن صنعتي علائقن کان لڳندڙ هوائن جي ضد ۾ هوندا آهن سي پڻ ان ڳاٽيتي ۾ شامل آهن. شايد اهو ئي سبب آهي جو هاڻي تيزابي برسات وارو معاملو سائنسي دائرن مان نڪري هڪ بين الاقوامي ۽ بنيادي موضوع ۽ مسئلو بڻجي چڪو آهي. سڀ کان پهرين ان مسئلي کي سوئيڊن ۾، گڏيل قومن پاران 'انساني ماحول' جي باري ۾ ڪوٺايل ڪانفرنس ۾ اٿاري ويو جيڪا 1972ع ۾ اسٽاڪ هوم ۾ منعقد ٿي هئي. ان ڪانپوءِ ان معاملي سڄي دنيا جي سائنسي ۽ سياسي افق تي تمام گهڻي توجهه ۽ اهميت حاصل ڪئي. گذريل سال ريو ڊي جينيرو ۾ منعقد ٿيل ماحول جي باري ۾ ٿيندڙ سربراهي اجلاس ۾ پڻ اهو موضوع تقريرن ۽ مباحثن جي زينت بڻيو رهيو ۽ اهوئي سبب آهي جو سڄي دنيا جي حڪومت، خاص ڪري اسرندڙ ملڪن جي حڪومتن کي راءِ عامه جي هڪ نئين فڪري ۽ شعوري هلچل سان منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي جنهنجو مقصد اهو آهي ته انهن حڪومتن کي اهڙا حفاظتي اُپاءُ وٺڻ گهرجن جن سان نسلِ انساني تيزابي برسات جي هاڃيڪار اثرن کان محفوظ رهي سگهي. ان مسئلي جي نزاڪت ۽ ان جي سياسي اهميت جو اندازو هن ڳالهه مان پڻ لڳائي سگهجي ٿو ته، ڪيترن ئي يورپي ملڪن سرڪاري سطح تي برطانيه ۽ آمريڪا سان ان ڳالهه تي احتجاج ڪيو آهي ته اهي تيزابي برسات واري معاملي ۾ سنجيدو رويو اختيار نه ڪري رهيا آهن.

هن وقت تائين جيڪو مسئلو زيرِبحث رهيو آهي ان ۾ تيزابيت (acidity) کي وڏي اهميت حاصل آهي. ان لاءِ اهو ضروري آهي ته بحث کي اڳتي وڌائڻ کان اڳ ۾ تيزابيت جي تصور کي واضح ڪيو وڃي. تيزاب هڪ اهڙي مادي کي چئبو آهي جيڪو پاڻي ۾ ڳرڻ جي عمل ذريعي ملي هڪ تُرش ڳار ٺاهيندو آهي جنهن ۾ هائڊروجن آئن وڏي مقدار ۾ موجود هوندا آهن ۽ تيزابيت اها ڪيفيت آهي جيڪا ڪنهن محلول ۾ تيزاب جي مقدار کي ظاهر ڪري (يا هائڊروجن آئن جي تعداد کي ظاهر ڪري) عام طور تي تيزابيت کي ڪارپد (ph) جي علامت سان ظاهر ڪيو ويندو آهي. تيزابيت جو اهو پيمانو ٻُڙيءَ (0) کان 14 تائين مقرر ڪيو ويو آهي جنهن ۾ پي. ايچ 7 غيرجانبدار (neutral) درجي جي حيثيت رکي ٿي جيڪا نه ته ڪنهن تيزابيت ۽ نه ئي اٿاثيت کي ظاهر ڪندي آهي.

عام حالتن ۾ برسات جي خالص صاف پاڻيءَ جو تيزابيت 7 يعني غيرجانبدار هوندي آهي پر جڏهن اهو پاڻي فضا مان لنگهندو آهي ته ان ۾ ڪيترائي ڪيميائي مادا شامل ٿي ويندا آهن. انهن مان ڪجهه مادا قدرتي، حياتياتي ۽ زميني عملن جهڙوڪ: ٻوٽن ۽ مُرده جانورن جي ڳرڻ ۽ سڙڻ جي عمل يا ٻرندڙ جبلن جي ڦاٽڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندا آهن ۽ ڪجهه وري انساني ڪارگذارين جي نتيجي ۾ جنم وٺندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ڪيميائي ذرڙن جي پاڻ ۾ ميلاپ سان پڻ پاڻي تيزابي شڪل ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. برساتي پاڻيءَ جي ڪيميائي خاصيت ۾ فرق جو دارومدار انسان جي ڪن تخليقن تي پڻ آهي جن ۾ وڏا شهر، صنعتون ۽ پاور اسٽيشنون وغيره شامل آهن. انهن ڳالهين کي نظر ۾ رکندي سائنسدانن صنعتي علائقن کان پري وارن هنڌن تي وسندڙ پاڻي جي ڪارپد 5.6 مقرر ڪئي آهي. ان بي ضرر تيزابيت جو دارومدار فضا ۾ موجود ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ مان نهندڙ ڪاربونڪ ائسڊ ($HCO_3$) ۽ ٻرندڙ جبلن مان خارج ٿيندڙ گندرف جي تيزاب تي هوندو آهي. دنيا جا ڪيترائي علائقا اهڙا آهن جتان برسات جي پاڻي ۽ سياري ۾ پوندڙ برف ۾ تيزابيت جي مقدار ۾ لڳاتار واڌارو رڪارڊ ڪيو ويو آهي ۽ انهن مان آمريڪا ۾ تيزابيت 3.5، سوئزرلئنڊ ۾ 3.3، برطانيا ۾ 3.1، جاپان ۾ 3.5، ڪئناڊا ۾ 3.5، مغربي جرمني ۾ 3.97 ، ۽ سوئيڊن ۾ 3.3 ريڪارڊ ڪئي وئي آهي. هن وقت تائين سڀ کان وڌيڪ تيزابي برسات آمريڪي رياست پينسلوينيا جي شهر 'ڪين' ۾ رڪارڊ ڪئي وئي آهي جنهنجو ڪارپد 2.7 هو ۽ ان کان ڪجهه گهٽ تيزابي برسات 1979ع ۾ اولهه فضا رجينيا ۾ رڪارڊ ڪئي وئي جنهنجو ڪارپد 1.5 هو.

هاڻي توهانجي ذهن ۾ اهو سوال ضرور اڀرندو ته تيزابي برسات جا اهي ٻئي اهم جزا يعني سلفر ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ نائٽروجن آڪسائيڊ فضا ۾ ڪهڙن ذريعن وسيلي شامل ٿيندا آهن؟ ته سلفر يا گندرف جا ٽي اهم قدرتي وسيلا آهن:

1. سمنڊ 2. ٻرندڙ جبل 3. زمين اندر ٿيندڙ فطري ڪيميائي عمل، جهڙوڪ: نامياتي ذرڙن جي ٽٽڻ جو عمل. هڪ اندازي موجب سڄي دنيا ۾ هر سال تقريباً 87 کان 288 ملين ٽن سلفر ڊاءِ آڪسائيڊ انهن قدرتي وسيلن مان حاصل ٿيندي آهي. سلفر ڊاءِ آڪسائيڊ جي نهڻ ۾ انساني ڪارگذارين جو پڻ وڏو هٿ آهي. ڪوئلي ۽ پيٽرول جي مختلف مصنوعات جي سڙڻ ۽ مختلف صنعتي يونٽن مان هر سال تقريباً 75 کان 100 ملين ٽن سلفر ڊاءِ آڪسائيڊ پيدا ٿيندي آهي. نائٽروجن آڪسائيڊ جي سالانه پيداوار تقريباً 20 کان 90 ملين ٽن آهي ان جي قدرتي وسيلن ۾ ٻرندڙ جبل ۽ زمين اندر جاري ڪيميائي عمل شامل آهن. ان کانسواءِ انساني سرگرمين جهڙوڪ: گاڏين ۽ صنعتي يونٽن مان نڪرندڙ دونهين جو پڻ ان جي اپت ۾ وڏو هٿ آهي. ماهرن جي رپورٽن مطابق سلفر ۽ نائٽروجن آڪسائيڊ هوا وسيلي هڪ هنڌ کان ڪيترن ميلن جي پسگردائي ۾ پکڙجنديون آهن ۽ آهستي آهستي زمين جي مٿاڇري تي گڏ ٿينديون رهنديون آهن. انهي عمل دوران سلفر ۽ نائٽرجن آڪسائيڊ جو ڪجهه حصو هوا ۾ موجود آڪسيجن سان ڪيميائي عمل جي نتيجي ۾ سلفيورڪ ائسڊ ۽ نائٽرڪ ائسڊ ۾ تبديل ٿي ويندو آهي جيڪو برسات، برفباري يا ماڪ وسيلي زميني ذخيري جو حصو بڻجي ويندو آهي.

زمين تي گڏ ٿيندڙ خشڪ توڙي آلا تيزابي مادا، ماحول ۾ جاري رهندڙ قدرتي (حياتياتي، ارضياتي ۽ ڪيميائي) عملن ۾ شامل ٿي ماحولي بگاڙ جو ڪارڻ بڻبا آهن ۽ اهوئي تيزابي برسات جو انتهائي هاڃيڪار رُخ آهي.

ان جون سڀ کان چٽيون علامتون پاڻي جي سطحي ذخيرن ۾ ظاهر ٿينديون آهن جن ۾ درياءُ ۽ ڍنڍون شامل آهن اهي علامتون مڇين ۽ پاڻيءَ ۾ رهندڙ ٻي مخلوق جي آبادي ۾ معمولي گهٽتائي يا انهن جي مڪمل خاتمي جي صورت ۾ ظاهر ٿينديون آهن. تيزابي ڍنڍن جي نشاندهي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڪئي ويئي آهي جن ۾ ناروي، سوئيڊن، بيلجيم، آمريڪا، ڪئناڊا، برطانيا، ڊينمارڪ، جرمني ۽ نيدرلئنڊ شامل آهن. ناروي ۽ سوئيڊن ۾ ته اهڙيون بي شمار ڍنڍون پڻ مليون آهن جن ۾ تيزابيت ۾ اضافي جي ڪري هڪ به مڇي زنده بچي نه سگهي.

پاڪستان ۾ مطالعي ۽ کوجنا جي سهولتن جي کوٽ سبب اهو اندازو ڪرڻ تمام ڏکيو آهي ته هن وقت پاڪستاني ڍنڍن، دريائن ۽ ٻين آبي ذخيرن ۾ تيزابيت جي صورتحال ڇا آهي؟.... توڙي جو تيزابيت هڪ سُست عمل جو نتيجو آهي پر عين ممڪن آهي ته ايندڙ ڪجهه ڏهاڪن ۾ اها هڪ خطرناڪ شڪل اختيار ڪري وٺي. اها به هڪ حقيقت آهي ته وقت گذرڻ سان گڏ آبي ذخيرن جي ڪيميائي خاصيتن ۾ پڻ تبديلي ايندي رهي ٿي. ان لاءِ اهو تمام گهڻو ضروري آهي ته سڀني آبي ذخيرن لاءِ هڪ مطالعاتي رٿ جوڙي وڃي ته جيئن ڪنهن به خوفناڪ صورتحال کي منهن ڏيئي سگهجي.

اڄ جي دؤر ۾ زمين جي متاثري ٿي موجود آبي ذخيرن مان صاف ۽ نج پاڻيءَ جو ملڻ ٻڻ هڪ خواب مثل آهي ڇاڪاڻ جو ڪيترائي آبي ذخيرا قدرتي، حياتياتي ۽ ارضياتي عملن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ مادن ۽ ماحولي گدلاڻ ۾ اضافي جي ڪري گدلا ٿي ويندا آهن. ڪجهه حياتياتي عمل اهڙا آهن جن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل تيزابي مادا دريائن ۽ ڍنڍن جي پاڻي ۾ شامل ٿي ان جي ڪاربد گهٽائي ڇڏيندا آهن ۽ ساڳئي طرح ذخيرن جي پسگردائي ۾ واقع صنعتي علائقن ۽ زرعي فارمن مان پڻ وڏي مقدار ۾ تيزابي مادا شامل ٿيندا رهندا آهن جنهنجو واضع مثال پنجاب جي دريائن، خاص ڪري دريا راويءَ جي تيزابيت ۾ ايندڙ مسلسل واڌ آهي. هتي اهو چوڻ بلڪل غلط نه ٿيندو ته تيزابي برسات ڪانسواءِ ٻيا به ڪيترائي سبب آهن جيڪي پاڻي جي قدرتي ذخيرن ۾ تيزابيت جي مقدار ۾ مسلسل اضافي جو سبب بڻجندا رهن ٿا جنهنجو نتيجو آبي ماحول ۾ پلجندڙ نباتاتي ۽ حيواني حيات جي خاتمي جي صورت ۾ ظاهر ٿي رهيو آهي ۽ ان حالت ۾ صرف اها نوعِ حيات ئي زنده رهي سگهي ٿي جنهن ۾ تيزابيت خلاف مدافعتي سگهه موجود هوندي.....!!.

ليکڪ جو مختصر تعارف:
نالو: نذر العباس ميرجت
پيدائش: 5 آگسٽ 1968ع
تعليم: ايم.ايس.سي (سوائل سائنس)
ائڊريس: بهار خان ميرجت، ٽنڊو الهيار،
حيدرآباد 70011

"ويهين صدي جي هڪ تاريخي جستجو"

# مريخ تي انسان جو قدم

نور حسين چانڊيو

20 صدي ۾ جڏهن انسان چنڊ تي پهتو ته ماڻهن کي حيرت وٺي وئي. ڇاڪاڻ ته چنڊ تي پهچڻ هڪ اهڙو ڪارنامو هيو جو عام انسان ته ان لاءِ سوچي به نه ٿي سگهيو. سائنسدانن اِهو سوچيو ته 20 صديءَ جو سڀ کان وڏو ڪارنامو انسان جو چنڊ تي پهچڻ آهي. پر 21 صدي ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ سائنسدان سوچي رهيا آهن ته ان لاءِ هڪ اهڙو ڪارنامو ڪرڻ گهرجي جيڪو 20 صدي جي هن ڪارنامي کان وڌيڪ ۽ دلچسپ هجي. ان لاءِ هڪ اهڙو منصوبو رٿيو ويو آهي جيڪو شايد ته 21 صدي جو وڏو ڪارنامو هجي ۽ اِهو آهي انسان جو مريخ تي قدم رکڻ.

مريخ جي رٿيل پروگرام کان اڳ اوهان کي مريخ بابت ڪجهه ٻڌائجي ٿو.

مريخ ڌرتي کان ننڍو ۽ ان جو قطر 6784 ڪلوميٽر آهي. مريخ جو سال 687 ڏينهن جو ۽ ڏينهن ساڍا 24 ڪلاڪن جو هوندو آهي. مريخ جي ڪشش ثقل زمين جي مقابلي ۾ صرف 38 سيڪڙو آهي. مريخ تي 95 سيڪڙو ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ته باقي 5 سيڪڙو ٻيون گئسون موجود آهن. ڪشش ثقل جي گهٽ هجڻ ڪري مريخ تي خلابازن کي تمام گهڻيون تڪليفون پيش اينديون جن جو هڻ اڳ ۾ ئي بندوبست ڪرڻ شروع ڪيو آهي. اهو به ممڪن آهي ته ڪشش ثقل جي ڪري مريخ تي پهچڻ ڪانپوءِ خلابازن جي هڏن مان ڪئلشيم گهٽ ٿي وڃي ۽ دل ڪمزور ٿي وڃي جنهن لاءِ اڳوات ئي خلابازن کي اهو چيو ويو آهي هو روزانه ورزش کي وڌيڪ ترجيح ڏين ۽ اهڙو بندوبست راڪيٽ ۾ به ڪيو ويو آهي.

هي منصوبو آمريڪي اداري ناسا (NASA) جوڙيو آهي جيڪو 1989ع ۾ رٿيو ويو هو. اِهو منصوبو 2010 ع ۾ مڪمل ٿيندو ۽ 2010ع ۾ انسان مريخ جي خلا ۾ داخل ٿيندو. هڪ اهم سوال هي به پيدا ٿئي ٿو ته ڇا مريخ تي حياتي جو وجود موجود آهي؟ جيڪڏهن ان سوال جو جواب هائوڪار ۾ مليو ته پوءِ ٻين به ڪيترن سوالن جا جواب ملي سگهندا. جنهن ۾ گئسن جي موجودگي ۽ پاڻي به اچي وڃن ٿا. جيڪي حياتي لاءِ اهم آهن.

مريخ ڏانهن ويندڙ راڪيٽ نئي طرز جو هوندو جنهن ۾ نئين قسم جون مشينون فٽ ٿيل هونديون سائنسدانن کي چنڊ جي سفر دوران جيڪي تڪليفون پيش آيون هيون تن کي سامهون رکي هي نئين قسم جو راڪيٽ تيار ڪيو ويو آهي.

جڏهن هي منصوبو رٿيو ويو هو ته ان تي ايندڙ خرچ هڪ اهم مسئلو هيو، ڇاڪاڻ ته هن منصوبي تي 400 ارب ڊالر خرچ ايندو.

پروگرام مطابق آڪٽوبر 2009ع ۾ ٽن مرحلن ۾ راڪيٽ رستي خلابازن کي مريخ تي پهچايو ويندو ۽ راڪيٽ ۾ ڇهه خلاباز سوار هوندا جيڪي زمين جي ڪشش مان نڪري مريخ جي خلا ۾ داخل ٿيندا. پهرين راڪيٽ ۾ لڳل ٻه بوسٽر ڪم ڪندا. جڏهن راڪيٽ جو ٽيون بسٽر ڪم ڪندو ته ٽيستائين راڪيٽ زمين جي

علي مرتضيٰ ڌاريجو

# ڏيابيطس

# (Diabetes mellitus)

ذيابيطس (Diabetes mellitus) هڪ تمام عام قسم جي بيماري آهي جنهن ۾ ڪنهن بہ عمر جو فرد مبتلا ٿي سگهي ٿو. هن بيماريءَ جي پيدا ٿيڻ جو مکيہ سبب ان هارمون جي کوٽ آهي جنهن کي انسولن (insulin) سڏجي ٿو جيڪو لبلبہ پيدا ڪري ٿو. اهڙين حالتن ۾ جڏهن جسم ۾ انسولن جي کوٽ هجي يا اهو صحيح طرح سان ڪتب اچي نہ سگهي تہ ان سبب جسم ۾ گلوڪوس صحيح طرح سان ڪتب اچي نہ ٿو سگهي جيڪو جسم لاءِ شڪتيءَ طور ڪتب اچي ٿو. اهڙين حالتن ۾ جسم ۾ گلوڪوس (کنډ) جو مقدار وڌي وڃي ٿو ۽ اهو جڏهن ڪنهن مقرر حد کان گهڻو وڌي وڃي ٿو تہ پيشاب رستي خارج ٿيڻ لڳي ٿو جنهنڪري اسان، "مٺا پيشاب" يا "مٺن پيشابن" جي بيماري بہ سڏيندا آهيون.

اجان تائين ذيابيطس جو مڪمل علاج موجود ڪونهي جڏهن تہ ان کي ڪنهن حد تائين ڪنٽرول هيٺ رکي سگهجي ٿو جنهن لاءِ اهڙي فرد کي لاڳيتو علاج ڪرائڻو پوندو آهي. کاڌ خوراڪ ڌانهن ڌيان تہ ڪسرت وغيرہ بہ ڪرڻي پوندي آهي. اهڙي ڪامياب علاج لاءِ ضروري هوندو آهي تہ، ذيابيطس ۾ مبتلا مريض هن مرض بابت مڪمل ڄاڻ رکي، ان سبب پيدا ٿيندڙ پيچيدگين کي سمجهي ۽ ان جي اپاءَن بابت ڪيس مڪمل علم هجي تہ جيئن اهو پنهنجي زندگي اهڙي طرح سان گذاريندو رهي جيئن هي مرض اٿلي نہ سگهي. جيئنوٽيڪ، شروعات ۾ اهڙيون سڀ ڳالهيون اختيار ڪرڻ ڏکيون لڳنديون آهن پر جيڪڏهن هڪ دفعو اهي ڳالهيون اختيار ڪيون وڃن تہ اڳتي لاءِ اهڙو فرد، انهن جو عادي ٿي وڃي ٿو.

ان سلسلي ۾ سڀ کان اهم ڳالهہ اها بہ سمجهي ويندي آهي تہ ڊاڪٽر اهڙي مريض کي، مرض بابت سڀ ڳالهيون سمجهائي ۽ ڪيس ذيابيطس بابت جيڪي بہ خام خيال موجود آهن انهن بابت سائنسي حقيقتن کان آگاهہ ڪري. اهڙي مريض جي علاج ڪرڻ لاءِ ان ڳالهہ جو ڌيان رکيو ويندو آهي تہ جيئن اهڙي مريض جي رت ۾ گلوڪوس جي ليول سدائين نارمل/ عام رواجي رهندي اچي، ڇو تہ جيڪڏهن رت ۾ گلوڪوس جي ليول نارمل نہ ٿي رهي تہ ڪجهہ وقت ڪانپوءِ، ان سبب جسم جو تقريباً هر عضوو متاثر ٿيڻ شروع ٿئي ٿو.

ٿلهي ليکي اهو چئي سگهجي ٿو تہ ذيابيطس جا مکيہ بہ قسم آهن: پهريون قسم جنهن کي انسولن ڊيپينڊنٽ ڊائبٽيز (insulin dependent diabetes) سڏجي ۽ ٻيو قسم، نان-انسولن ڊيپينڊنٽ ڊائبٽيز (non-insulin-dependent diabetes) آهي.

## انسولن ڊيپينڊنٽ ڊائبٽيز:

ذيابيطس جي هن قسم ۾ عام طور تي اهي فرد شڪار ٿي پوندا آهن جن جي عمر 30 سالن کان گهٽ هوندي آهي ۽ سندن جسم ۾ اها قابليت بنهہ موجود نہ ٿئي، تہ اهي انسولن پيدا ڪري سگهن. اهڙن فردن جي حياتي تيستائين خطري ۾ رهندي آهي جيستائين سندن جسم کي انسولن مهيا نہ ڪئي وڃي. ذيابيطس جي هن قسم ۾ ڪنهن بہ عمر جو فرد مبتلا ٿي سگهي ٿو جنهن ۾ چند مهينن جي عمر جا ٻارڙا بہ ٿي سگهن ٿا.

## نان- انسولن ڊيپينڊنٽ ڊائبٽيز:

هي بہ ذيابيطس جو هڪ عام قسم آهي جنهن ۾ عام طور تي 30-40 سالن جي عمر جا ماڻهو متاثر ٿي پوندا آهن. ان قسم جا فرد عام طور تي ٿلها هوندا آهن ۽ سندن ڪٽنب ۾ ڪي نہ ڪي فرد اهڙا بہ ٿين جيڪي ذيابيطس ۾ مبتلا هوندا آهن. انهن جو اهڙين گورين يا ڪن ٻين اهڙن طريقن سان سندن رت ۾ موجود کنډ جي ليول کي ضابطي هيٺ رکيو ويندو آهي. ورلي اهڙن فردن کي انسولن جي سئي هڻائڻ جي بہ ضرورت پوندي آهي يا اهو بہ ممڪن هوندو آهي تہ جڏهن بيمار ٿي پوندا آهن يا آپريشن ڪرائيندا آهن تڏهن پڻ کين انسولن جي سئي هڻئي ويندي آهي تہ جيئن سندن ذيابيطس تي ڪنٽرول رکي سگهجي.

## ذيابيطس تي سٺي طرح سان ڪنٽرول رکڻ لاءِ هيٺيان اپاءَ وٺي سگهجن ٿا:

- سدائين رت جي کنډ کي نارمل حد اندر رکڻ.
- پيشاب جو کنډ ۽ ڪيٽون کان آجو هجڻ.
- ذيابيطس جي هيٺين نشانين کان آجو رهڻ:
  - گهڻي اڃ.
  - هر هر گهڻي پيشاب اچڻ کان بچڻ.
  - چڱي چوکي کائڻ باوجود وزن ۾ گهٽتائي نہ اچڻ.
  - طاقت ضايع نہ ٿيڻ.
  - هر هر بيمارين ٻڙين ۽ روڳن جو شڪار نہ ٿيڻ.
  - هٿن ۽ پيرن جي سُن ٿيڻ ۽ ڪاندارجڻ کان بچڻ.
- اهڙا طور طريقا ۽ اپاءَ اختيار ڪرڻ تہ جيئن ذيابيطس جي پيدا ٿيڻ ٿور عرصي يا ڊگهي مدي جي پيچيدگين کان بچڻ.
- رت جي لپڊس جو عام رواجي ليول /حد ۾ رهڻ.

## ذيابيطس جي علاج لاءِ هيٺيان چار طريقا اختيار ڪيا وڃن ٿا:

1. کاڌ خوراڪ رستي ۽ جسم جو معقول وزن برقرار رکڻ.
2. انسولن جون سيون هڻائڻ.
3. گوريون کائڻ ۽.
4. ڪسرت وغيرہ ڪندو رهڻ.

کاڌو خوراڪ: ذيابيطس تي کاڌ خوراڪ ۽ ڪسرت رستي ضابطو رکڻ ضروري سمجهيو ويندو آهي. جيڪڏهن گهربل کاڌ خوراڪ ۽ ڪسرت ڌانهن لاڳيتو ڌيان نہ ڏبو تہ پوءِ ڪيترين ئي گورين کائڻ ۽ سُين هڻائڻ سان ذيابيطس تي مڪمل ضابطو حاصل ڪري نہ سگهبو. ذيابيطس جي مريضن لاءِ اهڙن کاڌن واپرائڻ جو مقصد نہ رڳو رت جي کنډ جي ليول کي ضابطي ۾ رکڻ هوندو آهي پر ان سان گڏو گڏ ڪولسٽرول/هاءِ لپڊ کي بہ ضابطي هيٺ رکڻ هوندو آهي. انهن ڳالهين کانسواءِ اهو بہ ضروري سمجهيو ويندو آهي تہ، اهڙي فرد جي قد، بت، هڏ ڪاٺ، عمر ۽ جنس آهر سندس وزن معقول هجي. بهتر اهوئي سمجهيو ويندو آهي تہ ذيابيطس جا مريض ڊائٽيشنس/کاڌ خوراڪ جي ماهر سان بہ ملندا رهن تہ جيئن اها خبر پئجي

محمد هاشم ميمڻ

# "شهاب ثاقب ۽ پڇڙ تارا زمين لاءِ خطرو"

اڪثر اونداهين راتين جو جڏهن آسمان تي تارا ڪنهن مالها ۾ پوبل چمڪندڙ هيرن وانگر لڳندا آهن، تڏهن انهن جي هلڪي روشني عجيب سرور پيدا ڪندي آهي ته عين اُن وقت هڪ چمڪندڙ روشن لڪير وشال خلا جي وسعتن مان ڌرتي طرف ايندي ڏسڻ ۾ ايندي ۽ پوءِ هڪدم وسامي ختم ٿي ويندي آهي. اهي تيز روشن لڪيرون حقيقت ۾ شهاب ثاقب (ڪرندڙ تارا) آهن. جن کي اسين سولي ريت هن طرح سمجهي سگهون ٿا ته اسان جي خلا ۾ آسماني جسمن جا اُهي ٽٽل ٽڪرا جڏهن زمين جي مدار پرسان گذرن ٿا ته زمين جي ڪشش ڪري اُن جي فضا ۾ داخل ٿيندا آهن ۽ هوا سان گسڻ سبب ٻرڻ سَڙڻ لڳندا آهن ۽ ائين اسان تائين پهچندي جَلي خاڪ ٿي تمام ننڍڙن ذرڙن جي شڪل ۾ (خوردبيني ذرڙن ۾) اچي ڪرندا آهن. اهڙي قسم جي ذرڙن جي بارش صدين کان جاري آهي ۽ تيستائين جاري رهندي جيستائين هي گرهه موجود رهندو هڪ محتاط اندازي موجب هر روز هڪ سؤ ٽن جي وزن جيترا ذرڙا زمين جي سطح تي خاموشيءَ سان ٽڪرائبا رهن ٿا. جڏهن ته ساليانه پنجاهه هزارن (50000) کان هڪ لک (100000) ٽن وزن جا ذرڙا ڪرندا آهن. جيتوڻيڪ اهي انگ اکر ظاهر ۾ ته ناقابل يقين آهن پر اها حقيقت آهي.

ڪائنات ڪيتري قدر وسيع آهي، اُن جو اندازو لڳائڻ هن وقت تائين ناممڪن رهيو آهي، پر پوءِ به ڪائنات جي وسعت جو اظهار هن حقيقت سان ڪجهه قدر ٿئي ٿو ته، ڪيترائي اهڙا آسماني چمڪندڙ جسم آهن جن جي روشني انهن جي قديم ارتقا ڪانوني سفر ڪندي هاڻي اسان تائين پهتي آهي. اسان کي اهو به چڱي ريت معلوم آهي ته روشني هن وقت تائين ڪائنات ۾ تيز ترين رفتار رکندڙ شي آهي جيڪا هڪ سيڪنڊ ۾ تقريباً هڪ لک ڇهاسي هزار (186000) ميل مفاصلو طئي ڪري ٿي.

هن رنگين ڪائنات ۾ اهڙا به ڪيترائي شهاب ثاقب آهن جيڪي پنهنجي مرڪز کان ٽٽڻ بعد اڄان تائين ڏور خلائن ۾ ڀٽڪي رهيا آهن. انهن مان سائنسدانن جي مشاهدن موجب ڪيترن جا ڍير زمين سان ٽڪرجندا ۽ ڪيترائي وري وشال خلائن ۾ ختم ٿي ويندا يا ڪنهن ٻئي گرهه يا اُپگرهه سان ٽڪربا. جڏهن کان زمين وجود ۾ آئي آهي، تڏهن کان ئي اها ڪيترن خطرن ۾ رهندي آئي آهي. انهن خطرن ۾ وڏو خطرو خلا مان زمين طرف ايندڙ آسماني جسم آهن. هنن ٽڪرن کان علاوه پڇڙ تارا پڻ ڪروڙين ميلن جي قطر ۾ ڦهليل خطرناڪ مادن سان خلائن ۾ ڪنهن آواره جيان ڀٽڪي رهيا آهن جيڪي ڪنهن به وقت زمين ۽ ان جي رهاڪن کي پنهنجي غضب جو نشانو بڻائي سگهن ٿا. هونئن به اهڙا پڇڙ تارا صدين ۾ هڪ دفعو ته ضرور به ضرور ڌرتيءَ جي پاسي کان گذرن ٿا. عام طور تي شهاب ثاقب ننڍين ننڍين ٽُڪرن جي صورت ۾ زمين جي فضائي حدن ۾ داخل ٿي سڙي ختم ٿي وڃن ٿا ۽ زمين کي سڌو سنئون نقصان نٿا پهچائين. قدرت هن زمين جي چوڌرد هڪ اهڙي حفاظتي چادر ناهي آهي، جيڪا اهڙي قسم جي حادثن کي روڪي وٺي ٿي. ليڪن ٿورو تصور ته ڪجي ته جيڪڏهن پٿرن جا اهي ٽڪرا حفاظتي تهه کي ٽوڙي زمين تي اچي ڪرن ته ڇا ٿي سگهي ٿو؟ جڏهن ته اهڙو تصور ئي نهايت خوفناڪ هوندو. اهڙي صورت جو نقش آسماني علم جي هڪ ڄاتو سائنسدان ۽ ويانا يونيورسٽيءَ جي هينري ميسيلوش هنن لفظن ۾ چٽيو آهي: زمين سان پهاڙ جهڙو پنج ميل ڊگهو ٽڪرو وڏي خوفناڪ ڌماڪي سان ۽ انتهائي تيزيءَ ۾ ٽڪرائبو ته اُن جي طاقت دنيا ۾ موجود مڙني ائٽم بم کان به وڌيڪ طاقتور هوندي يا ائين ڪٿي چئجي ته، اهڙو ڌماڪو ڏهه ڪروڙ ٽن بارود جي طاقت برابر هوندو. جنهن علائقي تي ڪرندو اُن علائقي جي هر شي گئس جي شڪل ۾ اچي ويندي. آسمان جي سائنسي علمن جي ماهرن موجب اهڙو ڌماڪو ساڍا چار ڪروڙ سال پهرئين ڌرتيءَ تي ٿيو هو، جنهن جي نتيجي ۾ ڌرتيءَ تي موجود، تاريخ جا وڏا ۽ قديم ترين جانور: ڊائنوسارن جي نسل جي پڄاڻي ٿي. هڪ اندازي موجب ته اهڙو ڌماڪو ڌرتيءَ سان هڪ پُڇڙ تاري جي ٽڪرجڻ ڪري ٿيو هو. "ڪڏهن ڪڏهن هي پڇڙ تارا زمين جي تمام ويجهڙائيءَ سان گذرندا آهن. جڏهن ته انهن جو زمين سان ٽڪرائجڻ جو امڪان ڏهه هزار دفعن مان هڪ دفعو هوندو آهي". مٿين ڳالهه تي سڀئي سائنسدان متفق آهن.

سڀ کان پهريائين 1940ع ۾ سائنسدانن کي معلوم ٿيو ته زمين تي به اهڙن ننڍن ٽڪرن جي برسات پوندي رهي ٿي. هن کان اڳ ۾ دوربين وسيلي اهڙي برسات کي ڪائنات ۾ موجود تارن ۽ سيارن تي وسندي ڏٺو ويو هو. اڪثر ڪري هي ٽڪرا ايترا ته گهٽ وزن ۾ ڌرتيءَ تي ڪرندا آهن جو زمين وارن تي انهن جو خاص اثر نه پوندو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن وڏي وزن وارا ٽُڪرا به اچي ڪرندا آهن. مثال طور، 1938ع ۾ اهڙو ئي هڪ ٽڪرو رياست "اسپوسي" ۾ هڪ گيراج تي ڪريو ۽ ساڳئي ئي سال نيوبارڪ ۾ هڪ بيٺل خالي ڪار مٿان اچي ڪريو هو. دنيا جو سڀ کان وڌيڪ سالم حالت ۾ شهاب ثاقب "هوبا"(Hoba) اُترنميبيا جي شهر "گروٽ فائونٽين" جي ويجهو اڄان تائين پيو آهي. ڏسڻ ۾ هي ڪَٽُ چڙهيل، ڪاراڻ مائل. چورس شڪل جو 9 فوٽ ڊگهو ۽ ٽي فوٽ موڪرو آهي جنهن جو وزن 66 ٽن آهي. هن شهاب ثاقب ۾ 93 سيڪڙو لوهه ۽ 7 سيڪڙو نڪل آهي.

آمريڪي رياست "ايريزونا" جي ويجهو اهڙي ئي هڪ وڏي ٽڪر جي ڪرڻ ڪري وڏي کاهي "ڪينن ڊيابلو" پيدا ٿي جنهن جي باري ۾ آمريڪي زميني سروي ٽيم جي رڪن "يوجين شوميڪر" کي اٿارٽي تسليم ڪيو وڃي ٿو. شوميڪر حساب لڳايو آهي ته هن کاهيءَ جو سبب بڻجڻ وارو آسماني ٽڪرو ٻاهه جي گولي جي صورت ۾ زمين سان ٽڪرايو هو.

135 فوٽ ويڪري هن باهہ جي گولي جو وزن اندازاً ٽي لک ٽن هو. خلا مان زمين طرف اهو هڪ سيڪنڊ ۾12 ميلن جي رفتار سان سفر ڪري رهيو هوندو. ان جي تباهي آڻيندڙ توانائي 15 ميگا ٽن بم جي طاقت برابر هئي ۽ ڌماڪي جو آواز، مشهور برنڊڙ جبل سينٽ هيلينا جي ڌماڪي کان ٻيڻو ۽ هيروشيما تي ڪيرائڻ واري ائٽم بم جي ڌماڪي کان هڪ هزار دفعا وڌيڪ هو.

شهاب ثاقب جي ڪرڻ جي نتيجي ۾ هيل تائين جيترين بہ ڪاهيون يا وڏا کڏا نهيا آهن، انهن ۾ 1942ع ۾ لڌل "لڪينر لينڊ" انٽارڪٽيڪا ۾ آهي اُن جو قطر 150 ميل ۽ گهرائي اَڌ ميل تائين ٻڌائي وڃي ٿي. چيو وڃي ٿو تہ اهڙو کڏو ڪنهن اهڙي شهاب ثاقب جي ٽڪرائڻ سبب وجود ۾ آيو آهي جنهن جو وزن 13 ارب ٽن هو جيڪو 44 هزار ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان زمين سان ٽڪريو هو.

انٽارڪٽيڪا مان شهاب ثاقب جا جيڪي نمونا حاصل ڪيا ويا آهن، انهن جي باري ۾ سائنسدانن کي يقين آهي تہ اهي چنڊ کان آيا آهن چو جو انهن جي ڪيميائي ۽ معدنياتي تجزين ۾ حيرت انگيز حد تائين چنڊ جي ٽڪرن سان مشابهت آهي. ڪن ٽڪرن بابت خيال آهي تہ اُهي مَريخ جا آهن. اندازو لڳايو ويو آهي تہ گذريل 60 ڪروڙ سالن دوران گرهن جي زمين جي ٽڪرجڻ جا ڪي بہ هزار واقعا ٿي چڪا آهن. جنهن جي نيجي ۾102 اونها کوهہ لڌا ويا آهن. هڪ شهابي کوهہ سعودي عرب جي علائقي "وَبار" ۾ واقع آهي جنهن جو قطر 0.097 ڪلوميٽر آهي. شهاب ثاقب جي تلاش هڪ جوکم جو ڪم آهي. جڏهن تہ اصلي ۽ نقلي شهاب ثاقب ۾ فرق ڪرڻ پڻ هڪ مشڪل ڪم آهي. دنيا ۾ اهڙا گهٽ ماڻهون آهن، جيڪي انهن بابت ڄاڻ ۽ ساڃاهہ رکن ٿا. انٽارڪٽيڪا برف ۾ جاپاني ۽ آمريڪي ڄاڻن جي ٽيم ساڍن ستن هزارن شهاب ثاقبن جا ٽڪرا ڳولي لڌا آهن. زمين تي هر سال ڏهن کان ويهن جي تعداد تائين نوان اهڙا ٽڪرا لڌا وڃن ٿا.

هيل تائين خلا مان زمين تي شهاب ثاقب جي صورت ۾ ٿيندڙ بمباريءَ جي نتيجي ۾ انساني جانين جي نقصان جا وڌيڪ تفصيل نہ مليا آهن.

1952ع ۾ "الابامہ، آمريڪا" جي رهندڙ هڪ عورت کي ڪُلهي ۾ اُن وقت زخم رسيو جڏهن ساڍا اٺ پائونڊ وزني ۽ ست انچ ڊگهو هڪ آسماني پٿر سندس گهر جي ڇت کي ٽوڙيندو کيس هلڪو زخم رسائيندو اچي زمين تي ڪريو هو. هڪ حيرت انگيز اتفاق هي آهي تہ، آمريڪي رياست "ڪنيڪٽيڪٽ" جي شهر ويٿرز فيلڊ ۾ 1971ع ۽ 1982ع ۾ بہ دفعا اهڙا ٽڪرا جاءِ جي ڇت کي ڇيجي اندر ڪريا پر خوش قسمتيءَ سان ڪوبہ ماڻهو زخمي نہ ٿي سگهيو هو.

هن سلسلي ۾ هڪ عجيب واقعو ماضيءَ ۾ ٿي چڪو آهي. 30 جون 1908ع ۾ صبح سوير سائبيريا جي وسيع پکڙيل ٻيلن ۾ رهندڙن هڪ عجيب ۽ خوفناڪ نظارو ڏٺو. انهن ڏٺو تہ آسمان مان هڪ باهہ جو گولو تيزيءَ سان انهن جي طرف اچي رهيو هو تہ ڪجهہ ميلن جي مفاصلي تي اُهو انتهائي تيز ڌماڪي سان فضا ۾ ڦاٽي پيو. هن ڌماڪي جو آواز 600 ميل تائين ٻڌو ويو. اُتان کان پنجويهہ ميل پري ڪي بدوي خيمن مان ڌماڪي جي آواز تي ڇرڪ پري اُٿيا پر سندن چوڻ موجب هنن محسوس ڪيو تہ ڪا غيبي طاقت جهڙوڪر ڪين زوريءَ خيمن مان ڪڍي باهر اُڇليو هجي ۽ چئني پاسن ڏانهن سفيد وتندڙ تيز روشني ڇانئجي وئي. اها روشني سڄي اولهہ ۾ ڦهلجي ويئي. اُن واقعي ڪانپوءِ بہ ٻن مهينن تائين اهڙي روشني ڏٺي وئي هئي، جنهن جو سبب اهو ٿي هو تہ ڏور فضا ۾ چمڪندڙ مٽيءَ جي ڪڪرن ڪري سج جي روشني موٽ کائي رهي هئي. پورن ويهن سالن بعد جڏهن روسي سائنسدانن اُن جاءِ جو مشاهدو ڪيو تہ ڪين عجيب منظر ڏسڻ ۾ آيو. تقريباً پندرنهن ميلن جي ايراضيءَ ۾ سيپيئي وڻ بلڪل هڪ جهڙي حالت ۾ ويڙهيل نظر آيا. اُن کان وڌي عجب جي ڳالهہ تہ اُتي ڪنهن بہ قسم جو ڪا کاهي/ کوهہ نہ لڌو ويو ۽ نہ ئي ڪي ٽڪرا نظر آيا. سواءِ ڪن چند ڏند ڪٿائن جي هاڻي اها ڳالهہ تسليم ڪئي وئي آهي تہ اهو واقعي هڪ شهاب ثاقب ئي هو جيڪو فضا ۾ ئي ڦاٽي ختم ٿي ويو هو. ڪن سائنسدانن جي راءِ آهي تہ اهو ڌماڪو "انڪير" نالي هڪ پڇڙ تاري جو زمين سان ٽڪرجڻ ڪري ٿيو هو. بهرحال اسان جي ڪائنات جا وسيع راز آهن جن تائين پهچڻ يا انهن تان پردو کڻڻ جي انسان جي ڪوشش اجا بہ تيز ٿي وئي آهي. جڏهن کان خلائي سفر جي شروعات ٿي آهي، تڏهن کانوني هيل تائين وڏيون وڏيون دوربينيون لڳايون ويون آهن جن ذريعي زمين کي درپيش خطرن جو مشاهدو ڪيو ويندو آهي. هن عرصي ۾ هڪ وڏي دوربين خلا ۾ رواني ڪئي وئي آهي، ان سان گڏ زمين تي پڻ اڳين دوربينن کان ڪروڙين دفعا وڌيڪ طاقتور دوربين لڳائي وئي آهي. هن دوربين وسيلي اها خبر پئي آهي تہ هر سال 35 اهڙا ٽُڪرا لِپن ٿا جيڪي حقيقي معنيٰ ۾ اُنهن هزارين ٽڪرن کان وڌيڪ وڏا آهن، جن مان زمين کي خطرو رهي ٿو. ماهرن جي اندازي موجب ڪجهہ سال پهريائين 20 ميل ايراضيءَ جا ٽڪرا زمين جي بلڪل ويجهڙائيءَ تان گذريا آهن. آمريڪي خلائي اداري "ناسا" هڪ ڊگهيءَ ريسرچ بعد جيڪا رپورٽ ڏني آهي، اُها ڏاڍي پريشان ڪندڙ آهي. جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ زمين جي گردش واري رستي ۾ هڪ هزار کان چئن هزارن تائين اهڙا آسماني ٽڪر موجود آهن. جن مان گهٽ جي سائيز اڌ ميل جي لڳ ڀڳ آهي. اُنهن مان صرف 150 ٽڪرن کي ڳوليو ويو آهي.

اسان جي زمين کي هڪڙو ٻيو وڏو خطرو انهن پُڇڙ تارن مان آهي جيڪي هڪ يا ٻن سَوَن سالن ڪانپوءِ زمين جي ويجهو گذرن ٿا. ڪجهہ ئي سال پهريائين هڪ اهڙو پڇڙ تارو زمين جي بلڪل ويجهو گذريو آهي. سائنسدانن اها بہ اڳڪٿي ڪئي آهي تہ 14 آگسٽ 2126ع ۾ هڪ پڇڙ تارو زمين جي بلڪل ويجهو گذرندو ۽ مُمڪن آهي تہ اهو زمين سان ٽڪرائجي، سڄي انساني تهذيب کي نابود ڪري ڇڏي سائنسدانن بقول تہ اِئين ٿيڻ سان زمين تي پڇڙ تاري جي ڌوڙ ۽ اُن جي ننڍن وڏن ٽڪرن جي زمين تي برسات وسڻ لڳندي. ٽڪرجڻ ڪانپوءِ زمين تي تيز ترين طوفان ايندا جن جي رفتار 500 ڪلوميٽر في ڪلاڪ هوندي مٽي ۽ دسڙ جي ڪڪرن ڪري ڪيترن سالن تائين سج جي روشنيءَ جو پهچڻ نا ممڪن ٿي پوندو. هر طرف اونداهہ انڌوڪار ڇانيل هوندي. سائنسدان ويچار ظاهر ڪندي چون ٿا تہ، اگر اهو پڇڙ تارو خشڪي بجاءِ سمنڊ ۾ ڪريو تہ گهٽ تباهيءَ جو امڪان آهي.

چيو وڃي ٿو تہ خلا ۾ اٽڪل ويهہ لک پڇڙ تارا پٽڪي رهيا آهن. جڏهن اهي سج کان پري مٽئين خلا ۾ هوندا آهن تہ اُن وقت انهن جي رفتار 700 ميل في ڪلاڪ هوندي آهي پر

# پيش امام ۽ ائڊس جي تعليم

ماڻهن کي ائڊس بابت ڄاڻ ڏيڻ لاءِ پاڪستان جي سيني مسجدن ۾ اهڙا واعظ متعارف ڪرايا ويندا نہ جيئن عام ماڻهو ائڊس جهڙي موتمار مرض کان پنهنجو بچاءُ ڪري سگهن.

ان ڏس ۾ پاڪستان سرڪار اهڙو متن تيار ڪري رهي آهي جيڪو پيش امام جمعي جي نماز وقت پنهنجي واعظ جو هڪ حصو ڪري پيش ڪندا. عام ماڻهن ۾ ائڊس بابت ڄاڻ پيدا ڪرڻ لاءِ اهو ضروري ٿو سمجهيو وڃي تہ منبر جو سهارو ورتو وڃي. سرڪاري ذريعن جو اهو بہ چوڻ آهي تہ، مسجدن رستي اهڙي مهم هلائڻ لاءِ ڪيترن مذهبي ماڻهن کان صلاحون بہ ورتيون ويون آهن.

سرڪاري طور تي ٻڌايو وڃي ٿو تہ پاڪستان ۾800 اهڙا فرد لڌا ويا آهن جيڪي ائڊس جي وائرس ۾ مبتلا آهن ۽ 80 کان بہ گهٽ اهڙا فرد آهن جيڪي ائڊس جي مرض ۾ مڪمل طور تي مبتلا ٿي چڪا آهن.

جڏهن تہ غير سرڪاري ماڻهن جو چوڻ آهي تہ انهن انگن اکرن مان ائڊس بابت مڪمل ڄاڻ نہ ٿي ملي ڇو تہ هتي ائڊس جي چڪاس جو اهڙو ڪو بہ منظم سائنسي سرشتو موجود ڪونهي.

وزارت صحت هڪ اهڙو پروگرام پڻ رٿيو آهي جنهن هيٺ اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا رستي عام ماڻهن کي ائڊس بابت تعليم ڏني ويندي ساڳئي وقت ملڪ جي ستن شهرن ۾ ٽيليفون جون هاٽ لائينون بہ قائم ڪيون وينديون تہ جيئن اهي ماڻهو جيڪي ائڊس بابت کلي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ چاهيندا هجن تن کي اهڙيون صلاحون ڏئي سگهجن. ٽيليفون ڪندڙ جيڪي بہ سوال پڇند ان جا سوال ڪين لڪت ۾ روانہ ڪيا ويندا ۽ اهي ڳالهيون مخفي رکيون وينديون. وزارت صحت جو وڌيڪ اهو بہ چوڻ آهي تہ، جيئن جيئن ڏيڪ فنڊ حاصل ٿيندا تيئن تيئن ٽيليفونن جي اهڙي سهوليت وڌيڪ شهرن تائين وڌائي ويندي.

## ائڊس ۾ اضافو

ڏهاڪو کن سال اڳ دنيا رڳو ٻن گنڀير مسئلن سان منهن ڏيڻ لاءِ ويچاري رهي هئي جيڪي هيا وڌندڙ آباديءَ جو انگ ۽ گدلاڻ. جڏهن تہ هاڻ هڪ اهڙو نئون مسئلو پيدا ٿي پيو آهي جنهن دنيا جي ماهرن ۽ سائنسدانن کي سڀ کان وڌيڪ پريشان ڪري وڌو آهي ۽ اهو ائڊس (Aids) جو مرض ڇاڪاڻ تہ هاڻ ائڊس جو مرض آهستي آهستي وبائي صورت اختيار ڪري رهيو آهي جنهن سبب دنيا جو ڪو بہ ملڪ ۽ علائقو اهڙو نہ بچيو آهي جتي ائڊس جو شڪار مريض موجود نہ هجي. جنهن سبب ائڊس کي سڀ کان وڏو خطرو سمجهيو وڃي ٿو. هڪ اندازي موجب تہ هن وقت تائين سڄي دنيا جا 15 ملين فرد ائڊس جي وائرس ۾ مبتلا ٿي چڪا آهن.

رڳو آمريڪا لاءِ چيو ويو آهي تہ اتي 180 هزارن کان مٿي فرد ائڊس سبب مري چڪا آهن ۽ اهو انگ انهن جملي ماڻهن جو 18 سيڪڙو آهي جيڪي ائڊس جي وائرس ۾ مبتلا آهن. ائڊس سبب مرندڙ ماڻهن جو انگ ايترو تہ وڌي چڪو آهي جو ان سبب سڄي دنيا جي ماهرن لاءِ خطري جون گهنٽيون وڄايون ويون آهن جنهن سبب هن مرض تي گذريل ڏهن سالن دوران ايتري تہ گهڻي کوجنا ۽ تحقيق ڪئي وئي آهي جو ايتري شايد ئي ڪنهن بيماري ۽ ڪنهن وائرس تي ايتري ٿورڙي وقت اندر ڪئي وئي هجي. اهو ئي سبب آهي جو نسبتاً ٿورڙي وقت ۾ سائنسدانن کي ٻين ڪيترين بيمارين جي ڀيٽ ۾ ائڊس ۽ وائرس بابت گهڻي ڄاڻ حاصل ٿي چڪي آهي. ايتري گهڻي کوجنا ڪرڻ جي باوجود سائنسدان اڃان تائين هن موتمار ۽ وچڙندڙ بيماري جو ڪو بہ اثرائتو علاج ڳولهي لهڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيا آهن.

ساڳئي وقت پڙهندڙن جي ذهن ۾ هڪ اهو سوال بہ اڀري سگهي ٿو تہ جيئن ٻين ڪيترن خطرناڪ ۽ موتمار بيمارين لاءِ وئڪسين ايجاد ڪئي وئي آهي تهڙي طرح سان ائڊس جي وئڪسين ڇو نہ ٿي تيار ڪئي وڃي؟ انهيءَ سوال جو جواب ايترو سولو ڪونهي جيترو سمجهيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ تہ ائڊس جي وئڪسين تيار ڪرڻ ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون رڪاوٽون ۽ پيچيدگيون آهن جيڪي سائنسدانن کي اورانگهٽيون آهن.

مثال طور: هڪ پيچيدگي ۽ وڏو مسئلو هي بہ آهي تہ بہ ائڊس بيماريءَ جو وائرس پنهنجيءَ موروثيت جي لحاظ کان، سدائين جڏهن بہ انساني جسم ۾ رهي ٿو تہ پاڻ ۾ تبديليون پيدا ڪندو رهي ٿو جنهن سبب هڪ پاسي تہ انساني بچاءُ جي سرشتي کي ناڪارهہ ڪري ڇڏي ٿو تہ ٻئي پاسي ڪابہ موثر دوا ان تي اثر انداز ٿي نہ ٿي سگهي.

اهڙين حالتن ۾ جيڪڏهن، 21 صديءَ جي آغاز کان اڳ، ڪابہ اهڙي دوا يا وئڪسين تيار ٿي نہ سگهي تہ ايندڙ صديءَ ۾ سڄيءَ دنيا جا 120 ملين ماڻهو ائڊس جي وائرس ۾ مبتلا ٿي چڪا هوندا تہ پاڪستانين جو بہ هڪ وڏو انگ اهڙو هوندو جن ۾ رت ۾، ائڊس جو وائرس گردش ڪندڙ هوندو. ائڊس جي بچاءَ لاءِ جينوٽيڪ اهڙا ڪيترائي بچاءُ جا اپاءَ اختيار بہ ڪيا وڃن ٿا پر بدقسمتي سان اهي موثر ثابت ٿي نہ ٿا سگهن. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ بچاءَ جي لاءِ اهو هر مڪن اپاءَ اختيار ڪيون جنهن رستي ائڊس جو وائرس اسان جي جسم تائين پهچي نہ سگهي يا ان وقت جو انتظار ڪريون جڏهن ڪا اثرائتي دوا يا وئڪسين تيار ٿي چڪي هجي. جيستائين پاڪستان جو تعلق آهي تہ سال 1987ع تائين ان خوشفهميءَ ۾ هياسين تہ هتي ائڊس جو وائرس موجود ڪونهي پر پوءِ سُتت ئي هڪ اهڙي شخص جي سڃاڻپ ڪئي وئي جيڪو ائڊس ۾ مبتلا هيو. جڏهن تہ هڪ افسوسناڪ ڳالهہ اها بہ آهي تہ اسانوٽ هميشہ ائڊس ۽ ائڊس جهڙين ٻين جنسي وچڙندڙ بيمارين بابت ۽ اهڙين بيمارين جي ٽپاسڻ بابت اسان کلي ڳالهہ بہ ڪري نہ سگهندا آهيون جنهن سبب اسان ڪيتريون اهڙيون بيماريون پنهنجن جسمن ۾ سانديندا آخرڪار موت جو شڪار ٿي ويندا آهيون. اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ هن وقت پاڪستان ۾ ائڊس جي مريضن جو رجسٽرڊ انگ هڪ هزار کان بہ گهٽ آهي جڏهن تہ هڪ اندازي موجب اهڙن مريضن جو تعداد ويهن هزارن جي لڳ ڀڳ هوندو جيڪي ائڊس جي وائرس ۾ مبتلا آهن. ان سلسلي ۾ آغا خان يونيورسٽي هاسپيٽل جي هڪ ماهر ڊاڪٽر نائلہ ڪياني ائڊس تي سيمينار ڏيندي ظاهر ڪيو آهي تہ، پاڪستان ۾ ائڊس جي وائرس ۾واڌارو آيو آهي سندس چوائي تہ 1990-92 ۾، هڪ هزار فردن ۾ اهو انگ 0.7 سيڪڙي کان وڌي 1993ع ۾ 1.8 سيڪڙي تائين پهتو آهي جنهن جو اهو مطلب ٿيو تہ رڳو هڪ سال جي عرصي ۾ ان انگ ۾ ٻيڻو اضافو ٿيو آهي. هن اهو بہ چيو آهي تہ 1998ع تائين ائڊس جي وائرس ۾ مبتلا فردن جو انگ 29000 تائين تہ ائڊس جي مريضن جو تعداد 4780 تائين ٿي ويندو.

ائڊس بيماريءَ جي گنڀيرتا محسوس ڪندي وفاق جي وزارت صحت اهو بہ اعلان ڪيو آهي تہ، سڄي ملڪ ۾ ائڊس جي وائرس جي چڪاس لاءِ ٽيهہ وڌيڪ مرڪز کوليا ويندا جڏهن تہ اهڙا ٽيهہ مرڪز اڳ ۾ ئي ڪم ڪري رهيا آهن جن رستي رت جون چڪاسون ڪري ائڊس جي وائرس جي جاچ لڌي وڃي ٿي انهن مرڪزن رستي ڏهن لکن کان مٿي فردن جي رت جي چڪاس ڪئي وئي آهي. ساڳئي قت هڪ سني ڳالهہ اها بہ آهي تہ پاڪستان سرڪار ائڊس خلاف جهاد ڪرڻ لاءِ هڪ نئشنل ائڊس پروگرام پڻ شروع ڪيو آهي.

